# سرسو

ڀهراڙي جي ترقي ۾ اوهان جو مددگار ادارو



سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

# پيغام

انساني سماج جي ترقيءَ ۾ تصورن ۽ خوابن تمام وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. تصور ۽ خيال انسان کي ذهني، جسماني ۽ روحاني طور بيدار ڪندا آهن ۽ جڏهن ڪنهن جست خاڪي ۾ بيداري جهڙي بجلي ڊوڙندي آهي ته ان انسان جي ارادن ۽ عمل ۾ جبل جيڏا عظم پيدا ٿي پوندا آهن. انهيءَ بيداري کي سمجهه، عقل ۽ علم چئبو آهي. باشعور، پڙهيل لکيل ۽ بيدار سماجن جا خالق ذهن ئي پنهنجي پنهنجي سماج جا ذميدار، باعزت ۽ اڳوڻ انسان هوندا آهن جيڪي هر ظلم، ڏاڍ، جبر ۽ ناانصافيءَ آڏو شيهي جي ديوار بڻجي بيهندا آهن. سنڌي سماج اهڙي اجتماعي شعور کان گهٽ پرتي ۽ اڻجاڻ آهي. اهڙي ڳنڀير صورتحال ۾ هر اهو فرد ۽ ادارو جنهن جي ڪلهن تي سماج سيوا ۽ سڌار جو وزن پيل آهي، تنهن مٿان ذميداري ڪجهه سرس ئي اچي ٿي ته هو پنهنجي حصي پتيءَ کان به وڌي چڙهي پنهنجو فرض ادا ڪري. سرسو 2003 کا وٺي هن مهل تائين پنهنجي 12 سالن جي سفر ۾ گهڻو ڪجهه حاصل ڪيو آهي. گهڻا ئي تجربا ڪيا آهن ۽ وقت جي بڻيءَ ۾ پچي راس ٿي آهي. سرسو وٽ تجربن جي دولت سان گڏ ماهر عملو به آهي جنهن جي صلاحيتن سان اسان سنڌ کي وڌيڪ سنوارڻ ۽ بهتر ڪرڻ ۾ به وکون وڌيڪ تيزيءَ سان اڳتي وڌي سگهون ٿا.

ان ڳالهه تي گهڻوئي چرچوٿي چڪو آهي ته سنڌ خاص ڪري ٻهراڙي ۽ عام طرح تي شهري حوالي سان گهڻن مسئلن جي ور چڙهيل آهي ۽ اهي مسئلا انتهائي سنجيدهه، ڳنڀير ۽ گهڻ طرفا آهن ۽ تمام گهڻي اهميت جا حامل آهن. بُک، بيروزگاري، صحت جي سهولتن تائين رسائي جو فقدان ۽ معياري تعليم اسان جي سماج جا اهڙا بنيادي مسئلا آهن جيڪي اندران ئي اندران اسان جي سماج کي کائي کوکلو ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن اسان کي ڪميونيڪيشن جي هن دور ۾ ۽ ايندڙ وقت جي انتهائي ڏکين حالتن ۾ بحيثيت هڪ قوم جي ڪنڌ کڻي جيئڻو آهي ته پوءِ اسان کي انهن مسئلن کي فهم، عقل، سمجهه ۽ دوراانديشي سان اهڙي طرح حل ڪرڻو پوندو جو اسانجو ايندڙ نسل نه صرف آسودگيءَ واري زندگي گذاري پر هو زندگيءَ جي هر شعبي ۾ پنهنجي حيثيتي ۽ اهميت کي مڃائي سگهڻ جي قابليت پڻ رکي.

جنهن انساني ترقيءَ جي فلسفي جو الم سرسو پنهنجي هٿ ۾ کنيو بيٺي آهي. انهيءَ فلسفي تحت انتهائي پٺتي پيل علائقن به ڪجهه ڏهاڪن اندر پاڻ کي نه صرف تبديل ڪيو آهي پر اڄ انهن علائقن جا ماڻهو هڪ خوشحال ۽ ڪامياب زندگي گذاري رهيا آهن جنهن جا مثال اسان جي پاڪستان اندر ئي موجود آهن. سرسو گذريل هڪ ڏهاڪي اندر پنهنجين صفن کي نه صرف بهتر ڪيو آهي پر سنڌ جي ٻهراڙين سان اعتماد ۽ ڀائيچاري جو هڪ اهڙو رشتو جوڙي ورتو آهي جنهن جي بنياد تي ايندڙ وقت ۾ اسان هڪ نئين سنڌ اڏينداسين. سرسو ۾ وڏي کان وڏي ۽ ننڍي کان ننڍي عهدي تي ڪم ڪندڙ هر فرد کي منهنجي طرفان هي پيغام آهي ته دنيا ۾ ڪو به ڪم ننڍو ناهي ٿيندو، جو ته هر ڪم پنهنجي جڳهه تي تمام گهڻي اهميت جو حامل آهي. جڏهن برسات جو ڦڙو ڦڙو جمع ٿيندو آهي تڏهن تلاءُ ٺهندا آهن. تلاءُ نديون بڻجي پوندا آهن. نديون پاڻ ۾ گڏجي گجگوڙ ڪندڙ درياءُ بڻجي پوندا آهن ۽ اهي درياءُ پاڻ ۾ ملي سمنڊ بڻجي پوندا آهن. تنهنڪري سرسو ۾ ڪم ڪندڙ هر فرد جي محنت، ڪوشش ۽ ڪاوش جيڪو رنگ لائيندي ان جو اندازو اسان جي وهم گمان ۾ به نه آهي. اچو ته اسان سڀ پاڻ ۾ گڏجي انساني ترقيءَ جي هن فلسفي کي جهر جهنگ ۾ ڦهلايون ۽ پنهنجو فرض سچائي ۽ ايمانداريءَ سان نڀايون.

**محمد ڏتل ڪلهوڙو**

ايڪٽنگ چيف ايگزيڪٽو آفيسر

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

# روزگاري جي واڌاري ۽ تحفظ واري منصوبي (LEP) جون گھوٽڪي ۾ سرگرميون




امام علي ڏيٽو

ڊسٽرڪٽ مئنيجر گھوٽڪي


هن وقت سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن گھوٽڪي ضلعي ۾ هلندڙ پراجيڪٽس ۾ "روزگار جي واڌاري ۽ تفحظ واري منصوبي" تحت غريب خاندانن جي سماجي ۽ معاشي حالت بهتر بڻائڻ لاءِ ڀرپور ڪوششن ۾ رڌل آهي، جنهن ۾:

**ڪراس نسل چونڊ:** غريب مالوند عورتن لاءِ هڪ نئين اميد پيدا ڪئي آهي. گھوٽڪي ضلعو ڪراچيءَ کانپوءِ اهو واحد ضلعو آهي جنهن ۾ ملڪ جون مشهور ڪمپنيون پنهنجي موجودگي رکن ٿيون، جن جي ساليانو آمدني اربين روپين ۾ آهي. انهن ڪمپنين ۾ سنڌ جون سڀ کان ٻه وڏيون گئس ڪمپنيون پڻ شامل آهن. جن ۾ قادرپور گئس فيلڊ ۽ ماڙي گئس فيلڊس شامل آهن. جن مان رڳو قادرپور گئس فيلڊ روزانو 20 ڪروڙ روپين جي ماليت جي گئس فراهم ڪري رهي آهي، ۽ اها آمدني گذريل 20 سالن کان مسلسل ڏئي رهي آهي. تنهن کان علاوه فوجي فرٽيلائيزر ڪمپني (FFC) ۽ اينگرو فرٽيلائيزر ڪمپني ۽ اينگرو فوڊز پڻ شامل آهن. جنهن ۾ 10 هزار کان وڌيڪ ملازم سڌي يا اڻسڌي طرح روزگار سان لاڳاپيل آهن. هڪ اندازي موجب اينگرو فرٽيلائيزر ڪمپني جي ٽماهي آمدني (Income) 4 ارب روپيا آهي. ان مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته گھوٽڪي ضلعي ۾ ڪم ڪندڙ تمام ڪمپنين جي آمدني ڪربين روپين ۾ آهي. چند ڏينهن پهريان موبائيل ذريعي هڪ پيغام SMS عام سرڪيوليٽ ڪيو ويو، جنهن موجب گھوٽڪي ضلعو وفاقي ۽ سنڌ سرڪار کي مجموعي طور تي 28 ارب روپيا ساليانو ٽيڪس ادا ڪري رهيو آهي. جڏهن ته موٽ ۾ ضلعي تي ڪُل ساليانو 4 ارب روپين جي بجيٽ خرچ ڪئي ٿي وڃي. جنهن ۾ رڳو سرڪاري ملازمن جون پگھارون ئي 3 ارب روپين کان وڌيڪ آهن. جنهن مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته گھوٽڪي ضلعي پاران ايڏي مقدار ۾ وسيلا مهيا ڪرڻ باوجود اتي ترقيءَ جي رفتار ڪيتري سست آهي.



انساني ترقيءَ جي معيار (Human Development Index (HDI مطابق گھوٽڪي ضلعي جو شمار ملڪ جي 120 ضلعن مان 55 نمبر تي آهي، ايتري قدر جو سنڌ جي لاڙ وارا ضلعا ٻه انساني ترقيءَ جي معيارن مطابق گھوٽڪي ضلعي کان اڳتي آهن.

گھوٽڪي ضلعي جي انهيءَ پسماندگي سبب ئي شايد PPAF غربت جي خاتمي لاءِ پنهنجي هڪ وڏي پروگرام تحت گھوٽڪي ضلعي جي چونڊ ڪئي، جنهن

پروگرام هيٺ 2011ع ۾ ”روزگار جي واڌاري ۽ تحفظ“ نالي يعني (LEP) هيٺ هڪ جامع پروجيڪٽ شروع ڪيو. هن پروجيڪٽ ۾ شروعاتي طور تي تعلقي گهوٽڪي جي ٽن يونين ڪائونسلن جي انتهائي غريب خاندانن جي چونڊ ڪئي وئي، جن جي مالي صورتحال بهتر بنائڻ لاءِ 25 هزار روپيا في خاندان رقم رکي وئي، جنهن هيٺ ڪوبہ غريب گهراڻو پنهنجي مالي صورتحال بهتر ڪرڻ لاءِ ڪجهہ ڪاروبار ڪري سگهيو ٿي. ان منصوبي هيٺ هر خاندان جي معاشي سگهہ معلوم ڪرڻ لاءِ ڳڻ ڪئي وئي ۽ پوءِ 18-0 اسڪور رکندڙ گهراڻن سان ڪم شروع ڪيو ويو.




ذڪر ڪيل ٽئي يونين ڪائونسلون جن ۾ يو.سي علي باغ، باگو ڏهو ۽ بيرڙي جي غريب عورتن زياده تر ننڍو مال خريد ڪري پالڻ واري ڪرت کي ترجيح ڏني. اهڙي ريت 90 سيڪڙو خاندانن ٻڪريون، وهڙيون يا ڍڳيون خريد ڪري پالڻ شروع ڪيون. ۽ انهن مان پنهنجي آمدني وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي. ”روزگار جي واڌاري ۽ تفحظ واري منصوبي“ جي پهرين فيز (مرحلي) ۾ اهوئي عمل (Practice) رهيو، ۽ نتيجن کي ذهن ۾ رکندي LEP جي اڳين فيز ۾ ڪجهہ نواڻ آندي وئي.

اپريل 2013ع کان شروع ٿيندڙ فيز 2 ۾ في خاندان جي مالي حيثيت بهتر ڪرڻ لاءِ هڪ اثاثي (Asset) جي ماليت -/25,000 هزار مان وڌائي -/50,000 روپيا ڪئي وئي. جڏهن تہ اهڙن اثاثن مان غريب خاندانن کي وڌ ۾ وڌ فائدو ڏيارڻ لاءِ هڪ جامع منصوبا سازي پڻ ڪئي وئي آهي، جنهن هيٺ مقامي نسل جي جانورن جي بجاءِ ڪراس نسل جي جانورن جي چونڊ ڪئي وئي، ان کان علاوه مال مويشي جي بهتر پالنا لاءِ تربيتي ڪورس ۾ نواڻ آندي وئي، اثاثن هيٺ ملندڙ جانورن جي انشورنس ڪرائي وئي، سنا ۽ بهتر صحت رکندڙ جانورن جي فراهمي (Supply) کي يقيني بڻائڻ لاءِ ”مصدقہ چيڪ“ Certified ٿيل جانورن ڏنا ويا.

اچو تہ انهيءَ جامع منصوبہ سازي جو تفصيل هيٺ ڏسون.

جيئن تہ اها ڳالهہ عام مشاهدي ۾ آئي آهي تہ سنڌ ۾ مقامي نسل جي ڍڳين جي کير جي پيداوار ٻنهہ گهٽ آهي، جنهن سبب غريب عورتون ڏينهن رات محنت ۽ جفاڪشي باوجود اهڙن جانورن مان بهتر پيداوار حاصل ڪرڻ کان قاصر آهن، ڇاڪاڻ تہ مقامي نسل جي ڍڳين جي کير جي پيداوار 1 کان 3 ڪلو روزانہ مشڪل سان آهي. جڏهن تہ دنيا جي بهترين نسل جي ڍڳين جهڙوڪ فريزئن ۽ جرسي ڍڳين جا پاڪستان جي ڍڳين جي پين نسلن جهڙوڪ ساهيوال ۽ چولستان سان بهتر ڪراس موجود آهن، جيڪي هڪ تہ مقامي آبهوا ۾ آرام سان پالي سگهجن ٿا ۽ ٻيو تہ اهي کير جي بهتر پيداوار سبب غريب خاندانن لاءِ وڌيڪ فائديمند آهن. انهيءَ تجربي کي سامهون رکندي سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن پاران روزگار جي واڌاري ۽ تفحظ واري منصوبي (LEP) هيٺ غريب خاندانن کي لوڪل نسل جي ڍڳين پاران ڪراس نسل جون وهڙيون ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو.





ڪراس نسل جون وهڙيون خريد ڪرڻ جو مرحلو سڀ کان پهريان گهربل نسل جون وهڙيون خريد ڪرڻ لاءِ وهڙين جو "معيار" طئه ڪيو ويو يعني سندن نسل، وزن، عمر ۽ ٻيون خصوصيتون واضع ڪيون ويون جنهن بعد:

(الف) وهڙين جي سپلاءِ لاءِ مقامي ۽ پنجاب جي مشهور اخبارن ۾ هڪ اشتهار ڏئي، سپلائير کان ريٽس گهرايا ويا.

(ب) سپلائير پاران ڏنل ريٽس جا لفافا (BID) کوليا ويا ۽ معيار تي پورو لهندڙ سپلائير جي چونڊ ڪئي وئي.

(ت) چونڊ ڪيل سپلائير جي ڪاغذن، بئنڪ بيلنس جو جائزو ورتو ويو ۽ سندن انٽرويو ڪيا ويا.

(ث) چونڊ لاءِ ٽيڪنيڪل ڪاميٽي پاران ٻه بهترين سپلائيرز کي منتخب ڪيو ويو ۽ کين 600، 600 وهڙين جا گهربل معيار مطابق وهڙيون سپلاءِ ڪرڻ جا آرڊر ڏنا ويا.

هتي مقامي ڏڳين جي ڪراس نسل جي ڏڳين / وهڙين سان مشابهتي چارٽ ڏجي ٿو.

| نمبر | خوبي | مقامي نسل جي وهڙي | ڪراس نسل جي وهڙي |
|---|---|---|---|
| 1 | گرميءَ تي اچڻ واري عمر | 22 - 24 مهينا | 12 - 16 مهينا |
| 2 | کير جي پيداوار (24 ڪلاڪن ۾) | 1 - 3 ڪلو | 8 - 10 ڪلو |
| 3 | مارڪيٽ ۾ قيمت | 50,000/- | 120,000/- |
| 4 | جسم جي بيهڪ | ننڍي | تمام وڏي ۾ |
| 5 | گوشت جي حيثيت ۾ وڪرو | گهٽ قيمت ۾ | مناسب قيمت |
| 6 | ويامڻ | مشڪل | تمام آسان |
| 7 | کير ڏيڻ جو مدو | 6 - 7 مهينا | 9 مهينا |
| 8 | ٻيهر گرميءَ ۾ اچڻ | 4 - 5 مهينن ۾ | ڏيڍ مهيني کانپوءِ جلدي |

اهڙيءَ ريت مٿي ذڪر ڪيل خوبين ۽ خصوصيتن سبب ڪراس نسل جي وهڙين جي خريداريءَ جو حتمي فيصلو ڪيو ويو، جنهن جو معيار طئه ڪيو ويو.

- وهڙي فريزئن يا جرسي جو ساهيوال يا چولستاني نسل سان ڪراس هوندو.
- وهڙيءَ جي گهٽ ۾ گهٽ عمر 9 - 12 مهينا هوندي.
- وهڙيءَ جو گهٽ ۾ گهٽ وزن 160 ڪلوگرام هوندو.
- وهڙي FMD يعني منهن جي لڇڻ واري بيماريءَ کان پاڪ هوندي.
- وهڙيءَ جي Brucella Aborts ٽيسٽ ڪليئر هوندي، وغير وغيره.



اهڙي تقريبن 1200 سئو غريب خاندانن کي مٿي ذڪر ڪيل معيار مطابق ڪراس نسل جون وهڙيون ڏنيون ويون، جيڪي هن وقت مڪمل طرح نه رڳو صحتمند آهن پر هڪ سروي موجب 40 سيڪڙو وهڙيون ڳڀڻ پڻ آهن.

هن پروجيڪٽ جي فيز 2 ۾ ٻيو اهم ڪم هي ڪيو ويو ته سڀ وهڙين جي انشورنس ڪرائي وئي، يعني هڪ سال تائين ڪابه وهڙي مرڻ جي صورت ۾

انهيءَ غريب عورت جي اثاثي کي زنده رکڻ لاءِ ساڳئي معيار جي ٻي وهڙي ڏني ويندي. اهڙيءَ ريت هن وقت تائين 13 وهڙيون مختلف بيمارين سبب مري چڪيون آهن جن مان 8 عورتن کي ٻيهر ڏنيون ويون آهن.



هن پروجيڪٽ جي ٻئي فيز جي هڪ اهم ڪاميابي اها آهي ته هر جانور غريب خاندان کي منتقل ڪرڻ کان پهريان ان جو Medical clearance ڪرايو ويو، هڪ ماهر ڊاڪٽر انجي نسل جي ڄاڻ، وزن ڪرڻ سميت رت جون ٽيسٽون پڻ ڪيون ۽ آخر ۾ هڪ سرٽيفڪيٽ ذريعي صحت مند جانور جي تصديق ڪئي وئي، جنهن ڪانپوءِ ئي اهي جانور غريب عورتن کي منتقل ڪيا ويا.

وهڙين جي ورهاست ڪانپوءِ هڪ ڀيرو ٻيهر وهڙين جي طبي چڪاس لاءِ هڪ موبائيل ڪلينڪ تيار ڪئي وئي، جنهن ذريعي هڪ ڊاڪٽر، هڪ اسسٽنٽ ۽ دوائن سميت ڳوٺ ڳوٺ وڃي هڪ هڪ وهڙيءَ جي طبي چڪاس ڪئي وئي، ۽ ان کي ضرورت آهر ويڪسين ڪئي وئي ۽ دوائون مهيا ڪيون ويون. وهڙين جي بهتر صحت لاءِ هر غريب عورت کي DCP پائوڊر مفت ۾ ڏنو ويو ته جيئن اها وهڙيءَ جي غذائي کوٽ جو پورائو ڪري سگهي.

سنڌ ۾ عام طور تي هرسال مئي کان جولاءِ مهيني تائين ڏڪار واري صورتحال هجي ٿي، جو انهن مهينن ۾ سنڌ ۾ مال لاءِ سائو چارو دستياب نه هوندو آهي، ان ڪري ان ڏڪار جهڙي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ هر غريب جنهن کي وهڙي ڏني وئي ان کي ونڊا جون ٻه ٻوريون خوراڪ طور ڏنيون ويون ته جيئن هو مال جو چارو پورو ڪري سگهي. اهڙي ريت PPAF جي پراجيڪٽ LEP تحت ڏنل اثاثن جي ماليت وڌائڻ ۽ غريب گهراڻن کي وڌ ۾ وڌ فائدو پهچائڻ لاءِ جانورن جي اعليٰ نسل کي گهوٽڪي ضلعي ۾ متعارف ڪيو ويو آهي. هن وقت هڪ سروي موجب 40 سيڪڙو وهڙيون ڳڀيون ٿي چڪيون آهن. جيڪي ايندڙ مهيني کان کير تي اچڻ شروع ٿي وينديون، جنهن بعد اميد آهي ته غريب عورتون اهڙين ڳئن مان حاصل ٿيندڙ کير نه رڳو پنهنجي ضرورت لاءِ پورو ڪنديون پر جهجهي مقدار ۾ حاصل ٿيندڙ کير مارڪيٽ ۾ وڪرو ڪري روزاني بنياد تي پنهنجي گهر جي آمدني وڌائي سگهنديون. نکر کيل ڪراس نسل جي وهڙين جي گهوٽڪي آمد سبب نه رڳو پروجيڪٽ هيٺ ڪم ڪندڙ عورتن پر پوري علائقي جي انهن سڀني مالوندن کي فائدو ملڻ جو امڪان آهي جيڪي صدين کان مال مويشي کي پنهنجي آمدني جو ذريعو بڻايو پيا اچن. انشاءالله ايندڙ سال کان گهوٽڪي ضلعي ۾ مال مويشي جي روايتي پالنا واري رجحان ۾ وڏي پيماني تي تبديلي اچڻ جو امڪان آهي، خاص طور تي ٿڌن کان جڏهن اهي وهڙيون ڦر ڏينديون ۽ منجهائن 5-6 ڪلو کير حاصل ٿيڻ شروع ٿي ويندو.



**

# ڳوٺاڻين عورتن جي ڪانفرنس (لوڪ ورثہ)




**ثمينہ برڪت علي**

منيجر انٽرپرائيز سيڪٽر


هر سال جيان هن سال بہ 16-15 آڪٽوبر 2014ع تي "ڳوٺاڻي عورت جو عالمي ڏهاڙو" ملهايو ويو. پاڪستان سطح تي مختلف گورنمينٽ توڙي خانگي ادارن هن عالمي ڏهاڙي کي ملهائڻ جي لاءِ تفريحي، معلوماتي، امن ۽ يڪجهتي ۽ ملڪي سلامتي کي آڏو رکندي پروگرام منعقد ڪيا ويا جن جو مقصد هرعام ۽ خاص ماڻهوءَ کي هن ڏهاڙي جي اهميت ۽ تاريخي پس منظر جي آگاهي ڏيڻ سان گڏوگڏ جديد ايندڙ دؤر جي تقاضائن کان روشناس ڪرائڻ ۽ اڳيرا اجتماعي قلم کڻڻ جي رٿابندي پڻ ڪئي وئي.

هن سال بہ "پودا پاڪستان" اداري يو.اين (UN) ۽ پاڪستان (Pakistan) جي ڪجهہ ٻين قومي ۽ بين الاقوامي ادارن سان گڏ 16-15 آڪٽوبر 2014ع تي لوڪ ورثہ اسلام آباد ۾ هڪ عظيم و شان "ڳوٺاڻين عورتن جي ڪانفرنس ڪوٺائي پاڪستان جي چونڊ ادارن مان سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن "سرسو" سنڌ جي ڳوٺاڻين عورتن پڻ نمائندگي ڪئي. سرسو جي انٽرپرائيز ڊولپمينٽ سيڪٽر پاران ثمينہ برڪت علي ۽ شهزاد ڏنور جي رهنمائي هيٺ ڏهن (10) عورتن هن ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي. هن ڪانفرنس ۾ ضلعي قمبر-شهدادڪوٽ، شڪارپور، ڪنڌڪوٽ ۽ خيرپور جي "ڳوٺاڻين تنظيمن جي چونڊ اڳواڻ عورتن شرڪت ڪئي. هن ڪانفرنس کي ٻن حصن ۾ ترتيب ڏنو ويو هو.هڪ ثقافتي هنري نمائش ۽ ٻيو ڳوٺاڻي عورتن جي حقن جي حاصلات لاءِ ٻہ روزه ڪانفرنس. مجموعي طور تي هن ٻہ روزه ڪانفرنس ۽ ثقافتي هنرن جي نمائش (Exhibition) جا اهم مقصد هي هئا.



- ڳوٺاڻي عورت جي گهريلو ۽ معاشرتي ذميدارين ۽ ڪردار جي اهميت ۽ قدر ڪرڻ.
- ڳوٺاڻي ۽ شهري عورتن جي هن معاشري جي تهذيبي ۽ تمدني اوسر ۽ سندس ڪارڪردگيءَ تي نظر وجهڻ.
- معاشري جي امن ۽ سلامتي ۾ ڳوٺاڻي عورت جو ڪردار.
- هن سال امن جي آشا لاءِ جهنڊو پڻ لهرايو ويو، تمام ڳوٺاڻي ۽ شهري عورتن جون صحيحون ڪرائڻ ۽ يڪجهتي جو اظهار پڻ ڪيو ويو.
- عورتن جي لاءِ هنري، فني ۽ ٽيڪنيڪي ميدانن ۾ ڪارڪردگيون ۽ ايندڙ سال لاءِ ٿيندڙ رٿابنديون.
- مختلف ادارن پاران عورتن جي حقن ۽ معاشرتي مفادات جي حاصلات لاءِ ٿيندڙ رڪاوٽن جو ذڪر ۽ انهن جي حل لاءِ ٻل پيش ڪيا ويا.
- عورتن جي هنرادو محنت ۽ ڪاريگريءَ جي ڪمن کي حڪومتي سطح تي "ليبر لا" يعني "مزدوريءَ جي قانون" جي صف ۾ برابري واري حيثيت سان شامل ڪرڻ لاءِ سفارشات

امن جي ميدان ۾ عورت جو ڪردار، نسيم استيج تي اچي پنهنجي پوري ڪهاڻي ٻڌائي جنهن کي تمام گهڻي پذيرائي ملي ۽ تمام گهڻو ساراهيو ويو.

هن قسم جي پروگرامن ۾ شرڪت ڪرڻ سان باهمي رابطہ ڪاري وڌي ٿي. ادارن جي تجربن، ڪارنامن، مسئلن جي متعلق ڄاڻ ملي ٿي ۽ لاڳاپيل شعبن سان واڳيل عورت ميمبرن ۽ اڳواڻن جي رهنمائي پڻ حاصل ٿئي ٿي. ۽ گڏوگڏ آئينده جي ڪم ڪارين جي بهترين رٿابندي جو موقعو ملي وڃي ٿو.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (SRSO) آر.ايس.پي.اين (RSPN) پاران سهڪار سان ملڪي ۽ بين الاقوامي نمائندن سان گڏيل نمائندن جي اڳواڻي هيٺ منعقد ڪيل پروگرام ۾ ڳوٺاڻي عورت جي عالمي ڏهاڙي کي نهايت ئي منظم طريقي سان ملهايو ويو. جيڪو عورت ميمبر ۽ عورت اڳواڻ لاءِ معاشي، سياسي، معاشرتي ۽ اصلاحي سجاڳيءَ جو سبب بڻيو. اهڙي قسم جي پروگرام ملهائڻ سان ثقافتي ۽ تمدني اثاثن کي پڻ تمام گهڻو فروغ ملي ٿو. ڇوته عورت هڪ فرد يا شخص نه آهي پر مفهوم جي تشريح مطابق سندن ڪردار يا اثر هڪ اداري يا هڪ خاندان جيان آهي. عورت انساني ارتقائيءَ عمل ۾ پهرين درسگاهه جي حيثيت رکي ٿي.



هاڻي نظر وجهون ٿا هن پروگرام جي ٻئي ۽ اهم حصي تي يعني ٻہ روزه ثقافتي هنرن جي نمائش تي، جتي پاڪستان مان چونڊ هنرمند ڪاريگر عورتن توڙي مردن شرڪت ڪري پنهنجي هنر جي نمائش سان گڏوگڏ هن پروگرام کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. پوري پاڪستان جي هنرمند ڪاريگرن جي ڪاريگريءَ جا خوبصورت رنگ هڪ ئي جاءِ تي هڪ خوبصورت منظر پيش ڪري رهيا هئا.

مهراڻ جا مرڪندڙ رنگ ۽ وري پنجاب جي رنگن جي پنهنجي خوبصورتي سان گڏ سرحد جي ڪيلاش جا سُرخاب ۽ انهن سيني سان گڏ وري بلوچستان جي بهار جا گل پڻ خوشبو وکيري اچڻ وارن ۽ ڏسندڙن جا مَنَ موهي رهيا هئا. ڇڻ پاڪ سر زمين جي باغيچي جي بهار جا رنگ ۽ انهن جو سحر ڏسڻ وارن جي دلين کي پاڻ ڏانهن



ڇڪي رهيو هو. نہ چاهيندي بہ هن نمائشي پروگرام ۾ ماڻهن پنهنجي ۽ پنهنجي پيارن لاءِ سوکڙيون خريد ڪرڻ تي مجبور ٿي پيا. هن نمائشي پروگرام ۾ هنرن جي خريد و فروخت سان گڏوگڏ هنرمند ڪاريگرن کي هڪ ٻئي جي هنرن ۽ ڪاريگريءَ جا "گُرَ" ڄاڻڻ جو موقعو پڻ مليو.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن پاران لڳايل اسٽال تي NRSP-TRDP ۽ SRSO جي باصلاحيت عورت ڪاريگرن جو ڪم نمائش هيٺ رکيل هو. سرسو جي اسٽال تي "پودا" آرگنائيزيشن جي سرواڻ محترمہ ثمينہ نذير پاڪستان قومي اسيمبلي ميمبر فهميده مرزا صاحبہ ۽ ٻين نامور شخصيتن پڻ سرسو جي اسٽال جو دؤرو ڪيو ۽ هنرمند ڪاريگرن جي حوصلاافزائي ڪئي.

اهڙن پروگرامن منعقد ڪرڻ سان عوام ۾ شعور پيدا ٿئي ٿو ۽ عورت توڙي مرد پنهنجي پنهنجي فرضن جي آگاهي قومي دائري اندر رهي ڪري نہ صرف محسوس ڪن ٿا پر ايندڙ وقت جي مسئلن کي بهتر نموني سان نبيرڻ لاءِ جوڳا اپاءِ رٿابنديون تيار ڪن ٿا. جنهن تي يقينن هڪ قوم جي ڪاميابي جو دارومدار هوندو آهي.

# يونين ڪائونسل سطح تائين غربت گهٽايو

## پروگرام تحت ضلع جيڪب آباد ۾ بحالي جون سرگرميون



احمد سميجو

يونين ڪائونسل سطح تائين غربت گهٽايو پروگرام جون بحالي واريون سرگرميون ضلعي جيڪب آباد ۾ زور شور سان جاري آهن. پراجيڪٽ جو مجموعي مقصد آهي ته ٻهراڙين ۾ رهندڙ ڪميونٽيز جي زندگيءَ ڪي معياري ۽ بهتر بڻائجي، اهڙين ٻهراڙين ۾ جتي زندگي جون بنيادي سهولتون ميسر نہ آهن. ان کان علاوه ان پراجيڪٽ جو هڪ بنيادي مقصد پيو ٻہ آهي تہ ٻهراڙين اندر غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاريندڙ هر فرد ۾ سماجي تحرڪ جي فلسفي تحت اهڙيون صلاحيتون پيدا ڪجن تہ جيئن هو پاڻ غربت سان مدمقابل ٿي ان کي منهن ڏئي سگهن.

جڏهن تہ ضلع جيڪب آباد ۾ پراجيڪٽ کي ساڳئي انداز سان هلائڻ لاءِ 2015 تائين توسيع ڏني وئي آهي. هن پراجيڪٽ تحت منظم ڪيل ڪميونٽيز جا رابطا مائڪرو رورل هيلٿ ڪيئر سيڪيورٽي اسڪيم سان پڻ جوڙيا ويا آهن. گڏوگڏ سنڌ جي ٻهراڙين اندر خاص ڪري ضلع جيڪب آباد ۾ غربت کي ختم ڪرڻ ۾ ڪافي حد تائين ڪاميابي ملي آهي. پراجيڪٽ تحت سماجي ترقيءَ جي ٽِين شعبن جهڙوڪ: صحت، ماحول ۽ تعليم جهڙن شعبن ۾ خاص ڪري عورتن ۽ ٻارن جي حوالي سان مڪمل سهڪار فراهم ڪئي وئي آهي. پراجيڪٽ جو هڪڙو بنيادي مقصد پيو ٻہ آهي تہ ڪميونٽيز کي ان لائق بڻائجي تہ هو قرض جي رقم جو صحيح استعمال سان پنهنجي ڪمائي جا وسيلا بهتر ڪن ۽ انهن ۾ واڌارو آڻي پنهنجا اثاثا جوڙين. ڇاڪاڻ تہ ٻهراڙين اندر غربت جو هڪ بنيادي سبب اهو ٻہ آهي تہ ماڻهن وٽ پنهنجا اثاثا ڪو نہ آهن.



**سوشل موبلائيزيشن** سماجي تحرڪ جي تصور تحت غريب ماڻهن سان ڪم ڪندي انهن جي صلاحيتن کي بهتر ڪري انهن جي لاءِ ئي ڪتب آڻڻو وڃي ٿو. جيڪڏهن هڪ اثرائتي ۽ جٽادار طريقي سان غربت کي گهٽ ۽ ختم ڪرڻو آهي تہ پوءِ هر هڪ غريب فرد کي هڪ متحرڪ ساٿي جي روپ ۾ سڃاڻي ۽ تيار ڪري ان کي ترقيءَ واري ڌاري ۾ آڻڻ جون ڪوششون ڪرڻيون پونديون. سماجي تنظيمن کي رهنمائي ڏئي ۽ انهن جي صلاحيتن کي اجاري ترجيحي بنيادن تي وڏي ۽ ننڍي پئماني تي آمدني وڌائڻ جون سرگرميون ڪري سگهجن ٿيون. ۽ پوءِ منظم انداز سان اهڙيون پيشقدميون کڻي سگهجن ٿيون جن سان غربت کي گهٽائي سگهجي. ڳوٺاڻي غربت کي هڪ مجموعي ۽ مڪمل سوچ تحت گهٽائي سگهجي. غربت ۾ گهٽتائي آڻڻ سان گڏوگڏ ڳوٺن اندر غربت جي چار ۾ ڦاٿل ماڻهن کي سماجي طور تي بهتر ٿيڻ وارن ٻين رخن جهڙوڪ: صحت، تعليم جهڙن اهم پهلوئن تي پڻ سهڪاري ڪردار ادا ڪندو. انهيءَ ۾ ننڍي سطح تي صحت جي انشورنس پڻ شامل آهي جو تہ هڪ

غريب ماڻهوءَ کي صحت جي مد ۾ تمام وڏن مسئلن سان منهن ڏيڻو پوي ٿو، جنهن جي ڪري هڪ غريب! غربت کان ٻـ هيٺ واري لڪير جو شڪار ٿي وڃي ٿو. انهيءَ کان علاوه سکيا ذريعي ڪميونٽي جي ماڻهن کي ان لاءِ پڻ تيار ڪيو ويندو تہ هو پنهنجي زندگي لاءِ قرض جي رقم جو صحيح استعمال ڪن ۽ پنهنجا اثاثا ٺاهن، ڇو تہ ڳوٺن اندر غربت جي پئيان اهو پڻ هڪ تمام وڏو ۽ اهم مسئلو آهي.

سماجي تحرڪ جي مدد سان اسان غريب گهراڻن جي سڃاڻپ ڪندا آهيون ۽ پوءِ انهن ڪميونٽي آرگنائيزيشن، وليج آرگنائيزيشن ۽ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن ۾ شامل ڪري هڪ متحرڪ ڌارا جو حصو بڻائيندا آهيون. سماجي تحرڪ وارو تصور ئي اهو واحد ذريعو آهي، جيڪو هڪ گهراڻي جي سطح تي ئي ڪم ڪري ٿو. غريب ۽ غريب کان غريب تر ماڻهوءَ جي غربت مان نيستائين جان نہ ٿي ڇڏائي سگهجي جيستائين ترقيءَ جي ڌارا کي ان جي گهر جي سطح تائين لاڳو نہ ٿو ڪجي ۽ جيستائين اهو غريب ماڻهو خود غربت گهٽائڻ واري ڌارا جو حصو نہ ٿو ٿئي. هن پراجيڪٽ ذريعي ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ (بغير وياج واري رقم) منجهان غريب عورتن ۽ مردن کي ننڍا قرض فراهم ڪيا ويا آهن تہ جيئن هو پنهنجا معاشي مسئلا حل ڪري سگهن ۽ پنهنجون معاشي حالتون سڌاري سگهن. ان کان علاوه هر غريب گهراڻي منجهان هڪ فرد کي هنري تربيت پڻ ڏني ويندي تہ، جيئن ان غريب گهراڻي جو اهو فرد ان لائق بڻجي جو هو ڪنهن روزگار سان لڳي ۽ پنهنجي گهر جي ڪفالت ڪري سگهي.



صلاحيتن ۾ واڌارو: ڪميونٽي يا ڳوٺاڻي تنظيمن ۾ صلاحيتن جو واڌارو هميشہ هڪ اهم ۽ ڏکيو ڪم رهيو آهي، انهيءَ ڪري سموري توجهہ ڪميونٽي ۽ ڳوٺاڻي تنظيمن جي تربيت تي رهي تہ جيئن هيٺين سطح تي ڪم ڪندڙ تنظيمون ان قابل بڻجي پون جو هو پنهنجو پاڻ ۾ آزادانہ بنيادن تي رٿابنديون ۽ منصوبہ بنديون ڪري سگهن، پنهنجن وسيلن ۾ اضافو ڪري سگهن ۽ پنهنجين ضرورتن کي آڏو رکندي پنهنجي مدد پاڻ تحت هر گهر ۽ هر ڳوٺ جي سطح تي پنهنجن تنظيمي ادارن اندر گڏجاڻيون، ڪچهريون، ڳالهہ ٻولهہ، بحث مباحثا ۽ ورڪشاپ منعقد ڪري سگهن ۽ اهڙيون سرگرميون ڪن جنهن سان غربت جو خاتمو ٿئي. انساني وسيلن جي ترقي جي هڪ اهم جز جي حوالي سان COs, VOs ۽ LSOs جي عهديدارن جون وڏي پئماني تي تربيتون منعقد ڪيون ويون. ڇو تہ هيٺين سطح تي CO هڪ اهڙي طاقتور تنظيم آهي جنهن جي وسيلي اهڙا مضبوط ماڻهو چونڊي سگهجن ٿا جن جي ذريعي غربت جي درجہ بندي کي استعمال ڪندي هر گهر جي حاصل ڪيل PSC جي بنياد تي هر گهراڻي جي سطح تي پيشقدميون وٺي سگهجن ٿيون ۽ هر هڪ CO جي ذميدار فردن جي تربيت ڪري انهن جي صلاحيتن ۾ اضافو ڪرڻ انتهائي ضروري هو تہ جيئن هر CO مڪمل طور تي متحرڪ سماجي ترقيءَ ۾ پنهنجو هڪ اهم ۽ بنيادي ڪردار ادا ڪري سگهي. اهو سمورو ڪم تيستائين سرانجام نہ ڏئي سگهجي ها جيستائين عوامي خدمتن جي موثر فراهمي ۽ انهن جي مانيٽرنگ جي ڪم جو هڪ منظم نظام نہ جڙي سگهي ها. انهيءَ ڪري جيڪب آباد ضلعي جي 10852 VOs, 15231 Cos ۽ 90 LSOs جي ذميدار فردن انتظام ڪاري جي مانيٽرنگ، قرض جي صحيح استعمال ۽ رڪارڊ ٺاهڻ جي مد ۾ تربيت ڪئي آهي.

**آمدني ۾ اضافي جي گرانٽ:**

ڳوٺاڻين تنظيمن ۾ شامل ٿيل گهراڻا جن جي غربت جي درجہ بندي جو نمبر 0-11 تائين جي PSC ۾ اچي ٿو ۽ اهي غريب کان غريب تر جي درجي ۾ شامل ٿين ٿا ۽ انهن ۾ بيواهہ عورتون ۽ معذوري واري زندگي گذاريندڙ ماڻهو

# برطانيه جي وفد جي سرسو ياترا

جميل سومرو

هيلپ ايج انٽرنيشنل (HelpAge International) سان واڳيل هڪ وفد برطانيه مان هيلپ ايج جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر مسٽر ٽوبي پارٽر جي اڳواڻي ۾ ٽن ڏينهن جي دوري تي سرسو هيڊ آفيس سکر پهتو. وفد ۾ شامل HAI جو ريجنل ڊائريڪٽر ڏکڻ ايشيا مسٽر پيٽر ميڪگيچي Mr. Peter McGaechie ۽ ڪنٽري ڊائريڪٽر مسز عجيان ڪي اسلم شامل هئا.



برطانيه مان آيل هن وفد جو آڌرڀاءُ سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد دتل ڪلهوڙو، ريجنل مئنيجر جمال مصطفيٰ شورو، سينيئر مئنيجر نثار احمد پناه، اسسٽنٽ جنرل مئنيجر MER ميڊم نازيه شاهه ۽ HAI پروجيڪٽ جي فوڪل پرسن، هيلٿ مئنيجر ڊاڪٽر منصور، جميل سومرو ۽ ٻين ڪيو. وفد سرسو ڪامپليڪس جو تفصيلي دورو ڪيو جنهن دوران سرسو جي مختلف سيڪٽرس جي مئنيجرن پاران پليڪار ڪيو ويو. وفد ڪامپليڪس جي رهائش وارو حصو گهمي ڏٺو، ٽريننگ هال جو جائزو ورتو ۽ ڪامپليڪس جي ٿيل سهٽي تعميراتي ڪم جي ساراهه ڪئي. HAI جي وفد سرسو هيڊ آفيس ۾ قائم ٿيل Display Centre ۾ رکيل سرسو پاران ئي تربيت فراهم ڪيل هنرمند / ڪاريگرن عورتن جا هٿ سان تيار ڪيل هنري ۽ ثقافتي شيون ڏٺيون ۽ هٿ سان ٺهيل اجرڪ سان تيار ڪيل مختلف هُنري نمونا ٻٽون، روا، قميصون، رلي، پلنگن جون چادرون، ڪشن ڪور، علائقائي پرتن تي پريل وڳا، سنڌي ٽوپيون شال ڪيس، کُسا ۽ دلڪش هنري شوپيس وڏي دلچسپيءَ سان ڏٺا ۽ خريد پڻ ڪيا. وفد سنڌ جي ثقافت سان محبت جو اظهار ڪندي هنرمند عورتن جي مهارت کي پڻ ساراهيو. جنهن بعد ڊاڪٽر منصور پاران بزرگن ۽ معزز ماڻهن جي تحفظ ۽ انساني امداد تائين پهچ وڌائڻ واري پروجيڪٽ جي حاصلاتن جي حوالي سان بريفنگ ڏني.




ڊاڪٽر منصور وفد کي ٻڌايو ته سنڌ ۾ آيل آفتن دوران هنگامي صورتحال ۾ بزرگن ۽ معزز ماڻهن جي صحت جي مسئلن کي اُجاگر ڪري انساني همدردي واري امداد ورهائيندڙ تنظيمن ۽ ادارن تائين پهچائڻ آهي ته جيئن

انهن جي خاص ضرورتن کي نظرانداز نہ ڪري سگهجي. هن وفد کي شڪارپور ۽ جيڪب آباد ۾ هلندڙ HAI پروجيڪٽس متعلق تفصيلي آگاهہ ڪرڻ کان علاوه ضلعن جي آبادي، امن و امان جي صورتحال ۽ پروجيڪٽ مان فائدو وٺندڙ فردن بابت پڻ ٻڌايو.

سنيئر مئنيجر نثار احمد پناھ کين ٻڌايو تہ سرسو ڳوٺاڻين تنظيمن سان مِلي ڀھراڙيءَ جي ڀلائي لاءِ 2003ع کان ڪم ڪري رهي آهي تہ جيئن غريب ماڻهن جي ذهني تربيت ڪندي کين ايڪي ٻڌي طرف وٺي وڃجي. نثار پناھ چيو تہ هن علائقي جا رهواسي ھين علائقن جي ماڻهن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن. اهڙي مختصر بريفنگ کانپوءِ برطانيہ جي وفد سرسو جي مختلف شعبن سان واڳيل مئنيجرن سان هڪ ڊگهي ميٽنگ ڪئي. ان ميٽنگ ۾ سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو، جمال مصطفيٰ شورو، ميڊم نازيہ شاھ، نثار احمد پناھ، ڊاڪٽر غلام رسول سميجو، ٽميڊ برڪت علي، شهزادو خاصخيلي، ڊاڪٽر منصور، شاهزيب مهر ۽ ٻين شرڪت ڪئي. ميٽنگ ۾ پرڏيهي وفد کي سرسو پاران هلندڙ مختلف پروجيڪٽس ۽ مڪمل ٿيل پروجيڪٽس بابت نقشن ۽ سلائيڊس جي مدد سان تفصيلي آگاهہ ڏني وئي. ريجنل مئنيجر جمال مصطفيٰ شورو بريفنگ ڏيندي ٻڌايو تہ هن وقت ڪل 593,234 گهراڻا منظم ڪيا ويا آهن. جڏهن تہ 27,081 لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن LSOs آهن. 7320 وليج آرگنائيزيشن VOs، يونين ڪائونسلون 375-425، تعلقہ 48-48 ضلعا 10 آهن. هن وڌيڪ ٻڌايو تہ اسان وٽ Credit Beneficiaries جو تعداد 370,837 آهي، Credit Disbursed 614 ملين، ڪميونٽي بچت 117 ملين آهي.

ٻهرين ڏينهن پرڏيهي وفد جي مان ۾ رات جي ماني جو اهتمام Stake holders سان گڏ ڪيو ويو. ان مختصر پُروقار تقريب ۾ مختلف سرڪاري کاتن جي اعليٰ عملدارن سان گڏ مختلف بئنڪن، بارڪائونسل جي اڳواڻن سميت ڏيهي ۽ پرڏيهي غيرسرڪاري تنظيمن جي نمائندن شرڪت ڪئي جڏهن تہ شڪارپور ۽ جيڪب آباد جي اولڊر پيپل ايسوسيئيشن جي ميمبرن ۽ HAI/SRSO پروجيڪٽ تحت فائدو حاصل ڪندڙ بُزرگ مرد ۽ عورتون پڻ شامل هيون.



تقريب جو آغاز تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪيو ويو. جنهن بعد پرڏيهي مهمانن کي سنڌي ٽوپيون ۽ اجرڪ پارايا ويا. ان موقعي تي هيلپ ايج جي سربراھ ٽوبي پارٽر پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ سرسو جي خوبصورت ڪامپليڪس بلڊنگ ۾ هڪ ڇت جي هيٺان مختلف سرڪاري کاتن جي سربراهن سميت ٻين اسٽيڪ هولڊرس کي پاڻ سان گڏ ڏسي انتهائي سرهائي پيا محسوس ڪيون. هن چيو تہ دنيا ۾ بزرگن جو تعداد تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي ۽ هن وقت پاڪستان جو شمار دنيا جي اُنهن 15 ملڪن ۾ ڇهين نمبر تي ٿئي ٿو جنهن ۾ 10 ملين ماڻهن جو تعداد 60 سالن جي ڄمار جو آهي، جيڪو 2050ع ۾ وڌي وڃي 43.03 ملين ٿي ويندو. جيڪا ڪُل آباديءَ جي 15.8 سيڪڙو

ٿئي ٿو. هن پاڪستان جي سرڪار کي اپيل ڪندي چيو تہ اهڙي سنگين صورتحال کي مُنهن ڏيڻ جي لاءِ حڪومت هاڻي ئي عملي قدم کڻي تہ جيئن مستقبل ۾ بزرگن جي کاڌ خوراڪ صحت جي مسئلن سميت انهن جي مسئلن ۽ مونجهارن کي آسانيءَ سان مُنهن ڏيئي سگهجي.



سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو پنهنجي مختصر خطاب ۾ برطانيہ مان آيل مهمانن کي ڀليڪار ڪندي چيو تہ بزرگن جي سماجي ڀلائي وارو "سٽيزن بِلُ" سرسو پاران سنڌ جي صوبائي اسيمبلي ۾ پهچايو ويو آهي. جيڪو مختلف ڊپارٽمينٽ، ڊويزن جي سيڪريٽريز سميت مختلف شراڪت دارن سان بحث مباحثہ "Discuses" ٿيندو اچي پڇي مرحلي ۾ اسيمبليءَ مان گڏيل اڪثريت سان پاس ٿي ويندو. هن وڌيڪ چيو تہ سرسو پاران ڪيل ڏينهن رات جي ڪوشش جي نتيجي ۾ هتان جي علائقن ۾ بزرگن جي حقن ۽ سماجي تحفظ جي حوالي سان ماڻهن ۾ چڱي آگاهي ٿي چڪي آهي. پر اڃان بہ وڌيڪ گڏيل ڪوشش جي ضرورت آهي.

HAI جي ڏکڻ ايشيا لاءِ مقرر ٿيل ريجنل ڊائريڪٽر Mr. Mc Gaechie پنهنجي تنظيم جا متا ۽ مقصد ٻڌائيندي چيو تہ هيلپ ايج 2010ع کان سنڌ صوبي جي اترين علائقي جي ضلعن جيڪب آباد ۽ شڪارپور ۾ سرسو جي سهڪار سان ڪم ڪري رهي آهي ۽ مختلف پروجيڪٽس تحت سندن ضرورتن کي محسوس ڪندي کين گهرج جو سامان ۽ ننڍا قرض پڻ فراهم ڪيا ويا آهن. هن جو چوڻ هيو تہ صحتمند بزرگ ڪنهن بہ ملڪ جي ترقيءَ ۾ شانہ بشانہ حصيدار هوندا آهن. سندن روايتي تجربن مان فيض حاصل ڪري اسين انيڪ مسئلن مان پڻ آجا ٿي سگهئون ٿا.

تقريب کي خطاب ڪندي HAI جي ڪنٽري ڊائريڪٽر مسز عجيبا کي اسلم جو چوڻ هيو تہ بُزرگن جي ڀلائي وارو بل 2007ع کان وٺي پاڪستان جي نيشنل اسيمبلي ۾ التوا جو شڪار آهي. جنهن تي ڳالهہ ٻولهہ اڃان تائين ناهي ٿي سگهي. جنهن سبب بُزرگن جي سماجي تحفظ جي حوالي سان قانون سازي ۾ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. هن بزرگن جي اهڙي بل کي سرسو پاران اسيمبليءَ تائين پهچائڻ واري عمل جي تعريف ڪندي چيو تہ سرسو جنهن سنجيدگي ۽ خيرسگاليءَ واري جذبي سان بزرگن جي پروجيڪٽ کي پنهنجي "آپريشنل ايرياز" ۾ "امپليمينٽ" ڪندو پيو اچي ان تي سرسو ۽ ان جي ٽيم جسُ لهڻي. هن وڌيڪ اِهو بہ چيو تہ بُزرگن جو بل صوبائي اسيمبلي مان پاس ٿي وڃڻ کانپوءِ بہ اسان سيني کي اهڙي جوش ۽ جذبي سان ڪم ڪرڻو پوندو.



تقريب کي سنڌ سوشل موبلائيزيشن پروگرام جي ايڊوائيزر عبدالحميد ٻُلو هيلپ ايج جي صوبائي پروگرام مئنيجر شهزادو خاصخيلي، ريجنل مئنيجر جمال مصطفيٰ شورو ۽ ٻين خطاب ڪيو. جڏهن تہ ان تقريب ۾ اي.او.بي.آءِ سکر جو ريجنل ڊائريڪٽر لياقت مهيسر، سيڪريٽري زڪوات ۽ عشر رياض منگي، اسسٽنٽ ڊپٽي ڪمشنر جميل احمد جميل، ڊائريڪٽر پاڪستان بيت المال شبير ميمڻ، ڊاڪٽر شمائلا، ڊاڪٽر وقار پٺاڻ، ڊاڪٽر



سعيد آخوند سميت سنڌ بينڪ جا مئنيجرس، پي.ڊي.ايم جا آفيسر، سوشل ويلفيئر، زراعت، انفارميشن، عورتن جي ڀلائي واري کاتي جا اعليٰ آفيسر ۽ پرڏيهي اين.جي.اوز جي عيوضي پڻ موجود هئا. تقريب جي آخر ۾ صوفي راڳ رنگ جو پڻ اهتمام ڪيو ويو. صوفي سماع دوران صوفي راڳين شاهه ڀٽائي رح ۽ سچل سرمست رح جا ڪلام ڳائي شرڪت ڪندڙن تي سحر طاري ڪري ڇڏيو.

پرڏيهي وفد ڪي سرسو ياترا جي ٻئي ڏينهن تي جيڪب آباد ضلعي جي مختلف يوسيز ۾ جتي هيلپ ايج جا پروجيڪٽس هلي رهيا آهن. جو دورو ڪرايو ويو. اولڊر پيپل ايسوسيئيشن (OPA) محمد حيات جي عهديدارن ۽ ميمبرن سان ڳالهائيندي HAI جي سربراهه چيو ته هڪ اندازي مطابق دنيا ۾ بزرگ ماڻهن جي آبادي 11.22% آهي. انساني همدردي واري امداد جو هڪ فيصد کان به گهٽ حصو بزرگن جي ضرورتن کي پورائو ڪري ٿو. جڏهن ته قدرتي آفتون گهٽ ۾ گهٽ 200 ميلن ماڻهن کي هرسال متاثر ڪن ٿيون. هن جو چوڻ هيو ته جيڪب آباد ضلعي ۾ قدرتي آفتون ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آيون آهن. سندس چوڻ هيو ته 2050ع تائين 1.5 بلين بزرگ ماڻهو ممڪن خطري وارن علائقن ۾ رهندڙ هوندا.



جنهن ڪانپوءِ وفد OPA چوڏاهو ڀرڙو جو رُخ ڪيو جتي ڊي.آر.آر (DRR) ڪلب جو دورو ڪيو ۽ لئوگيم ۾ حصو پڻ ورتو. OPA مبارڪپور جي دوري دوران اُتان جي ميڊيڪل آفيسرن سان ڳالهائي ڪئي، جنهن ۾ بزرگن جي صحت جي مسئلن ۽ انهن جي حل کان سواءِ HAI پروجيڪٽس تحت فائدو حاصل ڪندڙ ۽ سي.آر.ايف وٺندڙن جي حوالي سان خيالن جو اظهار ڪيو.



صحت جي ماهرن سان ڳالهائيندي ٽوبي پورٽر چيو ته آفتن جي دوران هنگامي صورتحال ۾ بزرگن ۽ معزور ماڻهن جي صحت جي مسئلن کي ميڊيا آڏو اجاگر ڪيو وڃي چوته اِهو لازمي به ته آهي جيڪي صحت جون سهولتون نوجوانن ۽ عام ماڻهن لاءِ مناسب آهن، اهي ئي بُزرگن ۽ معزورن لاءِ به مناسب هجن، پروگرام مئنيجر شهزادو خاصخلي ۽ سرسو جيڪب آباد جي ضلعي مئنيجر منظور جلباڻي وفد کي ٻڌايو ته بنيادي صحت مرڪز سميت ڳوٺاڻي صحت مرڪز ۽ ٻين صحت جي سهولتن جي تعمير وقت معزورن ۽ بزرگن جي آساني سان پهچ وارن اصولن تي عمل ڪيو پيو وڃي ۽ بزرگن جي تنظيمن سان صلاح مشورو ڪرڻ کانپوءِ صحت جي ضرورتن جي ترجيحن کي ڇاڻيو وڃي ٿو. OPAs کي ٻڌڻ وارن

ڪندڙ 63 فرد پڻ انهيءَ موقعي تي موجود هئا. جن کي فنڊ مهيا ڪيو ويو آهي. جن ۾ 49 مرد ۽ 14 عورتون شامل آهن. جڏهن ته مسيتي جي 4 بزرگن جي اکين جو آپريشن ڪرايو ويو آهي ۽ 13 بزرگن کي پولٽري جا سيٽ ڏنا ويا آهن. ان موقعي تي HAI جي سربراهه ٽوبي پارٽر ڳوٺاڻن سان ڳالهيون ڪندي چيو ته پاڪستان جو



شمار انهن ملڪن ۾ ڇهين نمبر تي ٿئي ٿو. جتي هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ بُزرگ رهن ٿا ۽ اهو تعداد هرسال تيزيءَ سان وڌندو پيو وڃي ان ڪري پاڪستان جي سرڪار کي هاڻي سان ئي سوچڻ ۽ عملي قدم کڻڻ گهرجن ته بزرگن جي وڌندڙ آبادي جي پلاڻي، صحت، لباس ۽ کاڌ خوراڪ جي ڪمن کي ڪهڙي طرح حل ڪرڻو آهي. هن وڌيڪ چيو ته شڪارپور ۽ جيڪب آباد ۾ رهندڙ بزرگن جا به اُهي ئي حق آهن جيڪي ترقي يافته ملڪن ۾ رهندڙ بزرگن جا حق آهن. هن ڳالهائيندي ڪين چيو ته توهان سيني کي خوش ڏسي مونکي ۽ منهنجي ساٿين کي تمام گهڻي خوشي ٿي رهي آهي ۽ هاڻي توهان وٽ OPAs ۽ فيڊريشن موجود آهن جنهنجي ذريعي توهان پنهنجو آواز بهتر انداز ۾ اُٿاري سگهو ٿا ۽ يقيناً فرد واحد جي آواز کان اجتماعي آواز وڌيڪ سگهه رکندو آهي. هن وڌيڪ چيو ته مون کي چاڻي خوشي ٿي آهي ته هتي اهڙا به بُزرگ مرد ۽ عورتون موجود آهن جن ننڍا قرض وٺي پنهنجا ڪاروبار شروع ڪري ڇڏيا آهن ته ڪن وري ڳوٺن ۾ ئي دڪان کوليا آهن. هن ڳوٺاڻن کي ٻڌايو ته برطانيه ۾ جمندڙ هر ڇوڪريءَ جا هڪ سئو موقعا (Chances) هوندا آهن ته هن جي ڄمار سئو سالن کان وڌيڪ هوندي. ڇوته برطانيه ۾ صحت ۽ کاڌ خوراڪ جا انتظام پاڪستان جي ڀيٽ ۾ سُٺا هوندا آهن، جيڪڏهن پاڪستان جي سرڪار کاڌ خوراڪ ۽ طبي سهولتن کي اثرائتي نموني سان حل ڪري ته هتي پڻ هر جمندڙ نينگريءَ جي ڄمار 60 سالن کان مٿي ٿي سگهي ٿي.

ان دؤري دوران وفد ڳوٺ مسيتي جي مختلف گهراڻن ۾ وڃي پروجيڪٽ تحت فائدو حاصل ڪندڙ بزرگن سان مليا جن مان هڪ بُزرگ 100 ڄمار جي عمر کان به وڌيڪ هيو ڪانئس حال احوال ۽ يادگيريون پڇيون.



ان کان بعد وفد شڪارپور جي ڳوٺ گهرام خان ڪالادي جو دورو ڪيو ۽ OPA ۽ فيڊريشن جي عهديدارن سان گڏجاڻي ڪئي هر فرد کان حال احوال ورتا ۽ ڪانئن مسئلا معلوم ڪيا. ان کان اڳ سرسو / هيلپ ايج جي زاهده ميراڻي ۽ فاطمه وفد کي بريفنگ ڏني. تنهن ڪانپوءِ وفد سرسو جي ضلعي آفيس شڪارپور ڏانهن روانو ٿيو جتي شڪارپور ۽ جيڪب آباد ضلعن سان تعلق رکندڙ ڊسٽرڪٽ فيڊريشن جي صدارت HAI جي سربراهه Toby Porter ڪئي. گڏجاڻي ۾ موجود چيئرمين فيڊريشن / او.پي.اي صوفي عبدالوهاب، صدر محمد صديق، جنرل سيڪريٽري خان محمد وفد کي فيڊريشن پاران حاصلات جي حوالي سان بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته فيڊريشن پاران مختلف بئنڪن ۾ بُزرگن جي سهولتن لاءِ الڳ ڪائونٽر کولرايا ويا آهن، ميڊيا ذريعي سجاڳي پيدا ڪئي وئي آهي سنڌن حقن وارو ٻڌ صوبائي




# گگدام جانورن جو پروگرام

نثار احمد پنهل
مئنيجر NRM

انسان ذات جڏهن کان شعور جي اک کولي آهي ته کيس پيٽ جي بک اجهائڻ لاءِ سوچ لوچ ڪرڻ جي ضرورت درپيش آئي. مختلف ارتقائي مرحلن ۽ دورن مان گذرندي انسان ڪچي خوراڪ، گاهه، پاڇيون گوشت، پکي پکڻ، مڇي ۽ پيون شيون غذا طور استعمال ڪندو رهيو هيو.

آدمشماري جي سخت دباءُ جڏهن حد کان زياده وڌيو ته هن مختلف علائقن ۽ ڏيهن جا سفر ڪائڻ شروع ڪيا. خوراڪ جي گهٽتائي جي ڪري هن فاقا ڪاٽيندي جنگيون پڻ جوٽيون ۽ موت جو کاچ پڻ بڻيو.

اهڙي هڪ مها جنگ جنهن جو مرڪز يورپ کنڊ ۾ 28 جولاءِ 1914ع تي لڳي جنهن 70 لک حياتيون ڳڙڪائيندي ڪربن روپين جي املاڪ کي نقصان پهچايو (برطانيه فرانس، روس جرمني، هنگري آسٽريليا اٽلي ڌر هيا) اهڙين جنگين يا ان کان اڳ انسان جي وچ ۾ لڳندڙ جنگين ۾ گهوڙي تي سوار ٿي، شهسوار هڪ ٻئي جي آمهون سامهون ٿيندا هيا ۽ گڏهن خچرن کان پڻ سواري، مال برداري، سودي سلف، راشن پاڻي ۽ دوائن جي ڍوئڻ جو ڪم ورتو ويندو هيو، تيرن، نيزن ڀالن، بندوقن، توبن ۽ تلوارن سان لڙايون وڙهيون وينديون هيون.

مسز ڊورٿي بروڪ هڪ فوجي آفيسر جي زال آهي جا پنهنجي ور سان لڳل جنگ جي معائني تي 1934ع ۾ قاهره (مصر) جي معائني تي ڏسي ٿي ته هزارين گڏهه، گهوڙا ۽ خچر زخمي حالتن ۾ لاچار ۽ بيوس ڪريا پيا آهن، ماڻهو جنگ جي حالتن مان گذرندي افراتفري جي ور چڙهيل هيا.



مسز ڊورٿي کي انهن جانورن تي ڪهڪاءُ اچي ويو هن ٻئي ڏينهن اتان جي اخبار ۾ چندي جمع ڪرائڻ جو اشتهار ڇپرايو موٽ ۾ ماڻهن چندو موڪلڻ شروع ڪيو. هن نيڪ نفيس عورت چند نيڪ ۽ ايماندار ماڻهن تي مشتمل هڪ ڪميٽي قائم ڪئي جنهن جي زير نگراني ماهر ڊاڪٽر زخمي جانورن جو علاج معالج ۽ ڪاڌ خوراڪ جي ترسيل جو ڪم شروع ڪري ڏنو. ٿورڙي ئي عرصي ۾ جانور چاق چڱا ڀلا ٿي ويا. مسز ڊورٿي بروڪ جي خوشي جي انتها ئي نه رهي سندس ڪيل ڪم کي ڀرپور موٽ ملي ۽ اهڙي حوصلاافزائي عيوض هن عورت 1934ع ۾ بروڪ اسپتال برائي حيوانات جو قيام وڌو جنهن جو هيڊڪوارٽر لنڊن ۾ مقرر ڪيو ويو.

اڄ هي ادارو دنيا جي 11 ملڪن جن ۾ مصر، اردن، انڊيا، ڪينيا، افغانستان، سينيگال ۽ پاڪستان پڻ شامل آهي. هن اداري جا هزار کان وڌيڪ ماهر (گهوڙن، گڏهن ۽ خچرن) جي ڀلائي لاءِ همهٔ وقت ڪوشش ۾ رڌل رهندا آهن. پاڪستان ۾ هن اداري پشاور کان 1991ع ۾ مزڪوره جانورن جي فلاح بهبودي واري ڪم کان شروعات ڪندي هڪ گشتي دواخانو قائم ڪيو. اڄ هي ادارو پاڪستان جي ٽيهن ضلعن ۾ ڪم ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ اتر سنڌ جا چار ضلعا (لاڙڪاڻو، شڪارپور، جيڪب آباد ۽ سکر) شامل آهن.

هن پروگرام تحت ڪيل ڪم جو وچور هيٺ ڏجي ٿو.

| نمبر | ڪيل ڪم جو تالو | سکر | شڪارپور | لاڙڪاڻو | جيڪب آباد |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | مفت علاج | 3046 | 3150 | 2855 | 2956 |
| 2 | عورت ڪارڪنن جي تربيت | 5 | 3 | 0 | 2 |
| 3 | مرچين ۽ نالبندين کي تربيتون | 1605 | 1605 | 1605 | 1605 |
| 4 | ڪميونٽي لائيو اسٽاڪ ايڪسٽينشن ورڪرز (CLEWs) جي تربيت | 4 | 5 | 0 | 2 |
| 5 | جاڳرتا تربيتون | 78 | 78 | 78 | 78 |
| 6 | پيئڻ جي پاڻي لاءِ ٽب/ حوض | 4 | 4 | 0 | 4 |
| 7 | سنج ناهڻ وارن سان ڪچهريون | 400 | 400 | 400 | 400 |
| 8 | معاون عملي جون تربيتون | 89 | 88 | 84 | 87 |
| 9 | خانگي عملي جون تربيتون | 112 | 112 | 101 | 110 |
| 10 | ورهايل ڪِٽون | 105 | 105 | 105 | 105 |
| 11 | سرڪاري وٽرنري عملي جون تربيتون | 2 | 3 | 0 | 0 |
| 12 | گشتي شفاخاني جا دورا | 78 | 78 | 78 | 78 |
| 13 | ڇانوَ جا ٺهرايل ڇپرن جي مرمت | 4 | 4 | 4 | 4 |
| 14 | اسڪولي شاگردن کي آگاهي مهم | 1 | 2 | 1 | 3 |
| 15 | پاڻيءَ جون بالٽيون | 60 | 60 | 60 | 60 |

انسانذات اڄ هڪ ڀيانڪ دور مان گذري رهي آهي. تاريخ ٻڌائي ٿي ته پراڻي زماني ۾ سفر ۽ مسافتون ڪندي مسافر، جانورن کان خوف کائيندا هيا ! پر افسوس ! اڄ ڏينهن ڏٺي يا رات ماڻهو سفر ۽ ڪاروبار دوران پنهنجي ٿي ياءُ حضرت انسان کان ڊڄي ٿو ته متان ڪيس ڪواغوا نه ڪري وڃي يا قتل نه ڪري وجهي.




گگدام جانورن جي پيئڻ لاءِ واٽر ٽرف ۽ ويهڻ لاءِ ڇپرا به موجود آهن. حالانڪ اهڙيون سهولتون بس اسٽينڊ ۽ اسٽيشن تي انسانذات لاءِ به هجڻ گهرجن پر سرسو بروڪ جي سهڪار سان ڪم ڪندڙ جانورن جي لاءِ جاکوڙيندي ڏينهن رات ڪوشان آهي.

اهڙي ڪاري دور ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن همٿ ڪونه هاري آهي هي ادارو انسانن جي ماڻهپي خوشحالي ۽ آسودگي سان گڏوگڏ گگدام جانورن جي بهبودي لاءِ به ڏينهن رات سرگرمِ عمل آهي. دعا آهي ته سندس اهڙيون ڪوششون لاڀ حاصل ڪري سگهن. ۽ وس وارا عملدار صاحب حيثيت ڪامورا سياستدان پڻ سبق حاصل ڪندي انسانيت تي رحم ڪري سگهن.






*



# گھڻ رُخي پروگرام ISDP جون نمايان ڪاميابيون

## *Integrated Skill Development Program*

لطيف سومرو

ڊسٽرڪٽ مئنيجر شڪارپور

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي فلسفي ۾ اِهو شامل آهي تہ غربت گھٽائي ماڻھن کي پاڻ ڀرو ڪري سماجي ترقيءَ جي مشعل اڳي پوءِ انهن جي هٿن جي ئي زينت بڻائڻي آهي. ڳوٺاڻن کي سندن ئي ڳوٺن ۽ وسيلن جي مالڪي ڪرائڻي آهي. ۽ يقيناً سرسو اِن حاصلات لاءِ ميدان ۾ لٿل آهي جيڪو ايترو آسان بہ ناهي ۽ ان ڪم جي سرسو سمورين مشڪلاتن کي فراخ دليءَ سان ڀليڪار ڪندي مستقل ۽ پائدار ترقيءَ جي عمل کي يقيني بڻايو آهي.

سنڌ حڪومت جي مالي سهڪار سان آگسٽ 2014ع ۾ قمبر شهدادڪوٽ جي ٽن يونين ڪائونسلن ۾ گھڻ رُخو هنري ترقياتي پروگرام شروع ڪيو ويو آهي. جنهن جو بنيادي مقصد غريب ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي هنر جهڙي ناياب زيور سان نوازڻ آهي تہ جيئن غربت ۾ گھٽتائي اچي معاشري جي ترقي ۾ هٿ ونڊائي سگھجي.

هن پروگرام تحت پهرين مرحلي ۾ 297 مرد ۽ عورتن کي مختلف سکيا ڏياريون پيون وڃن جنهن جي نشاندهي بلڪل اهليت جي بنياد تي ڪئي ويئي آهي. هن سکيا کي اهڙن وڌيڪ ڪارائتو بڻائڻ لاءِ ماهر ٽرينر پڻ رکيا ويا آهن تہ جيئن سکيا جي معيار کي ڪٿي بہ گھٽ نہ ڪري سگھجي. هن وقت تائين يونين ڪائونسل راونتي ۾ 2 هنري مرڪز قائم ڪيا ويا آهن جتي سکيا بلڪل مفت فراهم ڪئي پئي وڃي.

هن پروگرام هيٺ جن عورتن ۽ مردن شروعاتي ڏينهن ۾ سکيا ورتي آهي هاڻي اُهي پنهنجي پنهنجي ورتل سکيا مطابق ڪاروبار ۾ مشغول ٿي ويا آهن. عورتن پنهنجي مدد پاڻ تحت پنهنجا (BDGs) بزنس ڊولپمينٽ گروپ ٺاهيا آهن تہ جيئن گڏجي سنڌ جي مختلف ادارن کان مليل ڪم کي وقت تي انهن جي حوالي ڪيو وڃي گروپن جو تفيل ڪجھ هن ريت آهي:

| نمبر | ڪاروباري گروپ جو نالو | ڳوٺ | ٽوٽل ميمبر | ورتل سکيا |
|---|---|---|---|---|
| 1 | بلندي | جنجهہ | 17 | ٽڪ جو ڪم |
| 2 | سبحان سيري | جنجهہ | 10 | سنڌي ٽوپي |
| 3 | بسم الله | منڌو چانڊيو | 12 | ٽڪ جو ڪم |
| 4 | خوشحال زندگي | ميٺا | 12 | سنڌي ٽوپي |
| 5 | سوني سوتي | حاصلا | 12 | ٽڪ جو ڪم |
| 6 | شاندار | الله ڏنو چانڊيو | 09 | رلي ۽ ٽڪ |

مٿين ٺهيل گروپن (سرسو) مختلف ادارن سان رابطہ ڪاري پڻ ڪرائي وئي آهي ۽ اهي بزنس ڊولپمينٽ گروپ (BDG) مختلف ورتل ڪم جا آرڊر پڻ وٺي رهيون آهن. ٿورو وقت اڳ (اسلام آباد ايپلڪ وومين ڪلاٽ اسٽور) لاڙڪاڻو پڻ انهن عورتن جي ڪم مان مطمئين ٿي ڪين وڌيڪ آرڊر ڏئي رهيو آهي جيڪو پڻ هڪ تمام بهترين ساراهہ جوڳو عمل آهي. ان کان علاوه انهن سکيا ورتل عورتن کي ڪراچي ۽ اسلام آبادي جي مارڪيٽن جا تجربي لاءِ دورا (Exposure Visit) پڻ ڪرايا ويا آهن. جنهن ۾ 23 عورتن کي ڪاروبار هلائڻ لاءِ مختلف ٽريڊس تي زور ڀريو ويو. ان سان گڏوگڏ سکيا ورتل (مرد) ڇوڪرن کي لوڪل مارڪيٽن پڻ پنهنجي پنهنجي سطح تي بزنس ڊولپمينٽ گروپ (BDO) جي مدد سان ٽريڊ يونين جي صدرن جي تعاون سان 27 ڇوڪرن کي مختلف دوڪانن (Internship) جي بنياد تحت ڪم تي لڳايو ويو آهي تہ جيئن اهي غريب پنهنجي پيرن تي بيهي سگھن.

اميد آهي تہ اهڙن عملن سبب اسان جي سنڌ جا ماروئڙا ايندڙ نسلن لاءِ بہ مشعل راهہ ثابت ٿيندا ۽ اها روشن مشعل سنڌ جي ڀهراڙين ۾ هڪ ڏينهن ترقي جي هن نئين لاٽ ٻڌجي پوندي.

# سرسو ـ هيلپ ايج جون سرگرميون

زاهده ميرائي
پروجيڪٽ ٽرينر، DRR

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران هيلپ ايج انٽرنيشنل ۽ ڪورڊيڊ جي مالي تعاون سان جيڪب آباد ضلعي ۾ قدرتي آفتن سان منهن ڏيڻ، انهن کان بچاءُ ۽ انتظام ڪاري بابت هڪ پروجيڪٽ "Disaster Resilience through inclusive DRR and climate Change Planning" شروع ڪيو ويو آهي. هن پروجيڪٽ کي ضلعي جيڪب آباد جي چونڊ ڪرڻ پٺيان ان ضلعي کي مسلسل قدرتي تباهين ۽ آفتن کي منهن ڏيڻ ڪارڻ آهي.



جيڪب آباد ضلعي جي 1998ع جي مردمشماري مطابق ڪل 1002675 آبادي آهي. جنهن ۾ مرد 503,959 ۽ عورتن جو تعداد 63687 آهي.

جيڪب آباد گهڻي قدر ٻهراڻي آباديءَ تي مشتمل آهي علائقو آهي. جنهن ۾ 80 سيڪڙو ماڻهن جو تعلق زراعت ۽ مال مويشي پالڻ واري پيشي سان آهي. هتي مسلمان، عيسائي ۽ هندو مذهب سان تعلق رکندڙ ماڻهو رهن ٿا. جيڪب آباد پنهنجي گرم موسم جي ڪري به گهڻو مشهور آهي. تازوئي هتي جون جي مهيني ۾ 52.8c گرمي پد رڪارڊ ڪئي وئي. جڏهن ته انتظامي لحاظ کان جيڪب آباد ضلعو ٽن تعلقن ٺل، ڳڙهي خيرو ۽ جيڪب آباد تي مشتمل آهي.

DRR جو هي پروجيڪٽ ضلعي جي ٽنهي تعلقن جي 9 يونين ڪائونسلن مبارڪپور، ميرپور برڙو، ٻچڙو، ڪوٽ جنگو، علڻ پور ۽ خدا آباد جي 31 ڳوٺن ۾ شاندار طريقي سان هلي رهيو آهي، هن پروجيڪٽ جو هڪ مقصد اِهو به آهي ته ڳوٺاڻي سطح تي موسمياتي تبديلين ۽ آفتن جي اثرن کي گهٽائڻ لاءِ حڪمت عملي ناهڻ ۽ ان ڏس ۾ انتظام ڪاري جو پائدار منصوبو جوڙڻ پڻ آهي. پروجيڪٽ تحت جيڪي اهم سرگرميون شامل آهن انهن ۾ بزرگ تنظيمن جو قيام، وي.ڊي ايم. سي جو قيام، ڳوٺاڻين تنظيمن کي آفتن ۽ قدرتي تباهه ڪارين کي منهن ڏيڻ لاءِ تربيت فراهم ڪرڻ، وڻن جي پوکائي، پوڙ ۽ قدرتي آفتن بابت خبردار ڪرڻ شامل آهن.

پروجيڪٽ تحت جيڪب آباد جي مقامي هوٽل ۾ پروجيڪٽ سان تعلق رکندڙ اسٽاف ۽ مقامي شراڪتدارن جو گڏيل ٽن ڏينهن جو "Inception Workshop" ڪوٺايو ويو. ورڪشاپ ۾ سرڪاري ادارن سان واڳيل روينيو، زراعت ۽ تعليم سميت مقامي غيرسرڪاري تنظيمن جا عيوضي پڻ شامل هئا.




ٽن ڏينهن جي هن ورڪشاپ ۾ هيلپ ايج پاران انور سادات، سيد معين الدين ۽ شهزادو خاصخيلي، ڊاڪٽر منصور ۽ جميل سومرو شرڪت ڪئي. ورڪشاپ جي آغاز ۾ سرسو جي ضلعي مئنيجر منظور جلباڻي سڀني جو آڌرڀاءُ ڪندي ورڪشاپ متعلق ٻڌايو ۽ سرسو پاران هلندڙ بين پروجيڪٽس متعلق

تفصيل سان آگاهہ ڪيو. تنهن بعد انور سادات هن پروجيڪٽ ۾ شامل سرگرمين جي طريقہ ڪار ۽ ضرورتن مطابق تفصيلي سکيا ڏيندو رهيو.

هيلپ ايج جو پروگرام مئنيجر شهزادو خاصخيلي هِن پروجيڪٽ جي ”ڊيٽيل امپليمينٽ پلان“ بابت مڪمل ڄاڻ ڏني ۽ مختلف عنوانن تي تفصيل سان سمجهايو، پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر رفيق سومرو ان حوالي سان ”آئوٽ ريچ ايرياز“ ۽ پروجيڪٽ جو متن ۽ مقصد ٻڌايا، ورڪشاپ جي آخري ڏينهن تي جيڪب آباد تعلقي جي اسسٽنٽ ڪمشنر سليم اوڍو مهمان خاص جي حيثيت سان شرڪت پڻ ڪئي.

### تباهہ ڪارين کان بچاءَ جو بين الاقوامي ڏينهن:

13 آڪٽوبر 2014ع تي بين الاقوامي ڏينهن ملهائڻ جي حوالي سان ۽ ان ڏينهن جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ سرسو پاران جيڪب آباد ۾ شهيد بينظير ڀٽو ضلعي لائبريري ۾ هڪ پروگرام منعقد ڪيو ويو. پروگرام جو آغاز تلاوت ڪلام پاڪ سان ڪيو ويو، جنهن ڪانپوءِ زندگي جي مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ فردن سان تعارف ڪرائڻ سميت شرڪت ڪندڙن کي هن پروگرام جي ”مقصد“ بابت آگاهي ڏني وئي. سرسو ضلعي جيڪب آباد جي مئنيجر منظور جلباڻي ٻڌايو تہ موسمياتي تبديلين جي نتيجي ۾ ايندڙ آفتن ۽ قدرتي تباهڪارين جي ڪارڻ اسان جي بُزرگن جي مسئلن ۽ مونجهارن ۾ خاص طور تي اضافو ٿيندو آهي. جيڪب آباد ضلعو قدرتي تباهہ ڪارين ۾ ٿيندڙ متاثر علائقن ۾ هڪ آهي جنهنجي نتيجي ۾ ڪمزور ۽ بي پهچ اسان جا بزرگ مرد ۽ عورتون وڌيڪ متاثر ٿين ٿا. هيلپ ايج جي مئنيجر شهزادو خاصخيلي جو چوڻ هيو تہ ترقي پذير ملڪن ۾ پڻ وڏي ڄمار وارن ماڻهن جو تيزيءَ سان اضافو ٿيندو پيو وڃي. انهن ملڪن ۾ اهڙا ملڪ بہ آهن، جتي قدرتي آفتن ۽ تباهڪارين ۾ اچڻ معمول ٿي پيو آهي. هن چيو تہ وقت جي ضرورت بڻجي وئي آهي تہ اسان پنهنجي بزرگن کي اِن ۾ شامل ڪيئون. سندن وٽ روايتي تجربو ۽ انهن آفتن کي منهن ڏيڻ جو مخصوص اندازو موجود هوندو آهي. سندن ڏاهپ ۽ اهڙي تجربي مان فائدو حاصل ڪري قدرتي آفتن کي بهتر نموني منهن ڏيئي سگهجي ٿو. ڊاڪٽر منصور ٻڌايو تہ قدرتي آفتن جي اڳواٽ تياري ۽ منصوبہ سازي ڪرڻ سان ايندڙ نقصانن ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي ٿي. هن چيو تہ سرسو اتر سنڌ جي وڏي آرگنائيزيشن هجڻ سان گڏوگڏ واحد تنظيم آهي جيڪا 2010ع کان بزرگن جي ڀلائي ۽ تحفظ جي حوالي سان پاڻ پتوڙي رهي آهي. تقريب کي اسسٽنٽ ڊسٽرڪٽ آفيسر LHW محترمہ بشريٰ، ڊاڪٽر حيات جمالي، انصار ابڙو، چيئرمين OPA Federation صوفي عبدالوهاب پڻ ان ڏينهن جي حوالي سان پنهنجي خيالن جو اظهار ڪيو. ان دوران پروگرام ۾ سڀني شرڪت ڪندڙ بزرگن سان پيش ايندڙ مختلف مسئلن متعلق تفصيلي ويچاريو ويو ۽ پنهنجون تجويزون پڻ پيش ڪيون.

### پهرين آڪٽوبر: بزرگن جو عالمي ڏينهن:

پوري دنيا ۾ پهرين آڪٽوبر تي بزرگن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويندو آهي ۽ مختلف سرگرميون منعقد ڪري سندن حقن ۽ مسئلن کي اجاگر ڪري انهن جي ڀرپور وڪالت ڪئي ويندي آهي.



سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن پاران ان ڏينهن تي هيلپ ايج جي گڏيل سهڪار سان ضلعي شڪارپور ۽ جيڪب آباد ۾ الڳ الڳ ريليون ڪيون ويون. شڪارپور ۾ هاٿي در کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن جي اڳواڻي سرسو پاران جميل سومرو ۽ بزرگ تنظيم جي صدر خان محمد ڪئي. ريلي ۾ زندگيءَ جي مختلف شعبن سان سلهاڙيل بزرگ توڙي صحافين ۽ وڪيلن جي هڪ وڏي انگ شرڪت ڪئي. جڏهن تہ جيڪب آباد ۾ سرسو جي



ضلعي آفيس کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ بزرگ دوست تنظيم جي ميمبرن سميت سوشل ويلفيئر کاتي جي ميلم زهريٰ کوسو خصوصي شرڪت ڪئي.

ان ڏينهن جي حوالي سان OPAs ڊسٽرڪٽ فيڊريشن جا وفد ضلعي جي اعليٰ قيادت سان پڻ مليا ۽ پنهنجي تحفظ ۽ ڀلائي بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. انهن پنهنجي پنهنجي ضلعي سرڪاري عملدارن کي اِهو پڻ مطالبو ڪيو ته بزرگن لاءِ سرڪاري اسپتالن، بئنڪن، پوسٽ آفيسن ۾ الڳ ڪاؤنٽرس کولي ڏنا وڃن ته جيئن سندن پيش ايندڙ مسئلن ۾ آساني ٿي سگهي ۽ OPAs وارن ڳوٺن ۾ مڇر مار اسپري مستقل طور تي ڪرائي وڃي.

**تربيت ڏيندڙن جي تربيت Training of Trainers (ToT):**

سرسو، هيلپ ايج ۽ ڪورڊيڊ جي تعاون سان نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڊزاسٽر رسڪ مئنيجمينٽ (NIDM) ضلعي جيڪب آباد جي هڪ مقامي هوٽل ۾ پنجن (5) ڏينهن جي "Disaster Resilience through inclusive DRR and climate Change Planning" تحت مختلف سرڪاري ادارن جي ملازمن ۽ نجي تنظيمن جي عيوضين کي ٽريننگ ڪرائي وئي، جنهنجو مقصد ڳوٺاڻي سطح تي Community Based Disaster Risk Management تي تربيت فراهم ڪرڻ هيو. هن ٽريننگ ۾ مختلف سرڪاري ادارن، روينيو، صحت، سوشل ويلفيئر، ٻيلو کاتو، زراعت، تعليم عورتن جي ڀلائي واري کاتي جي ضلعي آفيسرن سميت مقامي اين جي اوز، آس ريسرچ فائونڊيشن، سي.ڊي.ايف، سرسو ۽ هيلپ ايج جي ملازمن سميت SRSO-LSOs جا اڳواڻ شامل هئا.



NIDM اسلام آباد جي ڪيپسٽي بلڊنگ اسپيشلسٽ وسيم احمد ۽ ڪاظم رزاق قدرتي آفتن جي حوالي سان شرڪت ڪندڙن کي باقاعده تربيت فراهم ڪئي.

سرسو پاران ضلعي مئنيجر جيڪب آباد منظور جلباڻي، ڊاڪٽر منصور علي ۽ جميل سومرو پڻ هن تربيت ۾ شرڪت ڪئي. جڏهن ته هيلپ ايج جي پروگرام مئنيجر شهزادو خاصخيلي، افتخار عباسي (MER آفيس) تربيت فراهم ڪئي. پنجن ڏينهن جي هن ٽريننگ ۾ شرڪت ڪندڙن کي ٽريننگ جا مقصد چڱي طرح سمجهائڻ خاطر مختلف نقشن ۽ سلائيڊس ذريعي Practical Demonstration ۽ ظاهري طور تي جيڪب آباد جي هڪ ڳوٺ حسين بخش بروهي جو Exposure Visit پڻ ڪرايو ويو ته جيئن هو اڪين سان اهڙي صورتحال کي ڏسي Concept کي پُختي نموني سان سمجهي سگهن. ڳوٺ جي اهڙي دوري دوران انهن تربيت وٺندڙن کي اتان جي OPA ۽ YDMC ميمبرن سان ڳالهائي ڪرائي سندن مختلف رُخن سان ڀرپور جاچ ڏني وئي. ان دوران ڳوٺاڻن ٻڌايو ته قدرتي آفتن، برساتن ۽ ٻوڏ جي ايندڙ تباهين بزرگن کيئن منهن ڏنو سرسو ۽ هيلپ ايج پاران ڪرايل تربيتن سندن لاءِ ڪيتري نه فائديمند ۽ ڪارائتي ثابت ٿي.

ان پنجن ڏينهن جي ڊگهي ٽريننگ جي اختتامي تقريب ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ڪاشف ٽيپو خصوصي طور تي شرڪت ڪئي ۽ سرسو پاران ڪرايل هن ٽريننگ ورڪشاپ جي ساراهه ڪئي ۽ وقت جي اهم ضرورت قرار ڏنو. آخر ۾ تربيت وٺندڙن جو هڪ گڏيل فوٽو ڪڍيو ويو ۽ کين ميڄتا جو سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنو ويو.

# اچو تہ سرسو جي ساٿ سان هلون

**لالڻ ڏهر**
متحرڪ ڪارڪن
ايل.ايس.او خوشحال نيٽ ورڪ
تعلقہ لکي ضلع شڪارپور

اتر سنڌ جي شڪارپور ضلعي جو لکي تعلقو اهڙو علائقو آهي، جتي ذات پرستي ۽ غيرت جي نالي تي عورتن جي ڪُسَڻَ جا روزانو اخبارن ۾ ڪوڙ سارا قصا ايندا رهندا هُئا.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) جڏهن 2009ع ۾ شڪارپور ضلعي ۾ پنهنجي ڪم جي شروعات ڪئي تہ اداري جي ڪارڪنن کي پاڙي سطح جي تنظيم ٺاهڻ لاءِ بہ ماڻهو تمام مشڪل سان ملندا هئا ۽ گهرن جا وڏا پنهنجي عورتن کي تنظيمن ۾ شامل ٿيڻ جي بہ اجازت ڏيڻ لاءِ تيار نہ هُئا ۽ عورت کي صرف ۽ صرف گهر جي ڪم ڪار ۽ ٻوڪ ۾ ڪم ڪرڻ جي لاءِ مزدور طور استعمال ڪرڻ جي شيءِ سمجهيو ويندو هو.

آهستي آهستي سرسو اداري جي ڪارڪنن جي محنت سان پاڙي ۽ ڳوٺ جون تنظيمون جڙيون ۽ ڳوٺن جي ماڻهن کي اهو يقين ڪرايو ويو تہ ڀلائيءَ جي فائدي جي لاءِ صرف ۽ صرف واحد ادارو سرسو ئي آهي جيڪو آهستي آهستي غريبن جي غربت گهٽائڻ ۽ ڳوٺن جي ترقي لاءِ ڪم ڪرڻ چاهي ٿو.



ايئن ئي ڳوٺاڻي تنظيمن جي محنتي ڪارڪنن ۽ ڳوٺاڻن پنهنجي ڳوٺن جي انهن غريب ۽ لاچار ماڻهن جي خدمت خاطر سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سان ڀرپور سهڪار ڪيو جن غريبن لاءِ ڪڏهن بہ ڪنهن نہ سوچيو هو! ۽ نہ ئي انهن ڪان سندن جا ڏک سور پڇيا هئا. ايئن ئي اسان جا اُهي هيرا جيڪي هِتان جي قبائلي ريتن رسمن جي زنجيرن ۾ جڪڙيل هُئا، انهن کي اڳتي وڌڻ ۽ ماڻهن جي خدمت ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ اُهي ڳوٺاڻين تنظيمن جا چمڪندڙ ستارن جهڙا ماڻهو اڳتي نڪري آيا ۽ انهن جي محنتن واري ڪَشش هُنن کي هڪ ٻئي سان ملائي ڇڏيو.

ڳوٺاڻين تنظيمن پاڻ ۾ ملي يونين ڪائونسل سطح تي هڪ گڏيل تنظيم ٺاهي جنهن ۾ هر ڳوٺ جي هڪ يا ٻہ عهديدار ۽ محنتي عورت شامل ڪئي وئي ۽ پوءِ انهن گڏجي ڪري پنهنجي يونين ڪائونسل جي ماڻهن کي فائدا ڏيارڻ شروع ڪيا. انهن فائدن ۾ سرسو اداري جي سهڪار سان ڳوٺن جي نوجوان ڇوڪرن کي هُنري سِکيا لاءِ ٻين شهرن ۾ سکيا جي سينٽرن تان هُنر سيکاري پنهنجي روزگار ڪرڻ جهڙو بڻايو ۽ ڳوٺن ۾ نياڻين جي لاءِ ڪوڙ ئي



گهر ۾ ڪرڻ جهڙا هنر سيکارڻ خاطر سکيا سينٽر کولرائي انهن کي گهر ۾ روزگار ڪرڻ لاءِ همٿ ڏياري. ائين ئي يونين ڪائونسل سطح تي تنظيم ٺهڻ ڪانپوءِ انهن سڀني تعلقي لکيءَ جي مقامي سهڪاري تنظيمن LSOs پاڻ ۾ ملي ڪري هڪ تعلقي سطح جي تنظيم "ايل.ايس.او خوشحال نيٽ ورڪ لکي" جي نالي سان ناهي جنهن ۾ پوري تعلقي جي محنتي ڪارڪنن جن ۾ بلقيس هڪڙو، ڀاڳڀري مهر، نسيم ڪوسو، صنم مهر، عشرت مالڪ، شمشاد، رخسانه سهنڊڙو، حسين، زرينه، مهناز مهر، منظور سومرو، حاڪم، عاليه، عابده چاچڙ، نجم ڏهر، رحمت انڙ، ظهره لباڻو سميت سڀني پنهنجي تعلقي جي بند پيل اسڪول کولرائڻ، نياڻين جي تعليم لاءِ ڪوشش ڪرڻ، صحت جي سهولت لاءِ ڪوشش ڪرڻ لاءِ وچن ڪيو.

جيسين آهي پساھ، تيسين نينهن نڀائبو،
پورءِ چاڙهي هڪ الله، ڪير هوندو ڪنهن سان!

خوشحال نيٽ ورڪ جي ڪارڪنن تعلقي جي ڪيترن ئي بند پيل اسڪول کولرائڻ لاءِ حڪومتي نمائندن سان ملي بند اسڪول کولرايا، سرڪاري اسپتالن جي ڊاڪٽرن سان ملي ڪري انهن دوائون جيڪي اڳ ۾ ٻاهران ئي ميڊيڪل اسٽورن تي ڪپايون وينديون هيون. اهي اسپتالن ۾ رکڻ تي مجبور ڪيو.

خوشحال نيٽ ورڪ جي محنتي ڪارڪنن ڪيترن ئي ڳوٺن جي انهن ماڻهن جي جهيڙن جهڳڙن کي ختم ڪرايو جيڪي سالن کان هڪ ٻئي جي رت جا پياسا بڻي رهندا آيا. سچن ڪارڪنن بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي آفيسرن سان ملاقاتون ڪري انهن غريب ۽ بي پهچ ماڻهن جا مسئلا حل ڪرايا جن کي ڪوئي اهميت نه ڏيندو هو.

لکي جي باهمت ڪارڪنن انٽرنيشنل اداري "سيو دي چلڊرين" جي آفيس ۾ وڃي انهن کان پنهنجي ڳوٺ جي ترقياتي ڪمن ۾ سهڪار ورتو ۽ ڪيترن ئي تعلقي جي انهن ڳوٺن ۾ ترقياتي ڪم ڪرايا جن ڳوٺن کي ڪنهن



مان به ڪو اميد آسرو نه هو. ايئن ئي ماءُ ۽ ٻار جي صحت بابت جاڳرتا مهم هلائي هتان جي انهن ماڻهن کي عورت جي عزت ڪرڻ سيکاري جيڪي عورت کي جانور سان ڀيٽيندا هئا.

اسان جي تعلقي لکي ۾ اهڙن ڳوٺن ۾ ايل.ايس.او نيٽ ورڪ جي ڪارڪنن پنهنجي مدد پاڻ تحت نياڻين جا اسڪول کولرايا آهن ۽ پاڻ انهن اسڪولن ۾ پڙهائي رهيون آهن. جتي نياڻيءَ جي تعليم کي غير شرعي سمجهيو ويندو هيو ۽ هاڻي اتي نياڻين کي تعليم ڏني پئي وڃي.

ايل.ايس.او نيٽ ورڪ لکي پاران ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ شناختي ڪارڊ ٺهرائي ڏيڻ لاءِ نادرا کان سهولت وٺي شناختي ڪارڊ ٺهرائي ڏنا ويا آهن، جتان جي ماڻهن کي شناختي ڪارڊ جي اهميت جي خبر به نه هئي.

# وڪيشنل اِسڪل پروگرام




**زبير سومرو**
مئنيجر ووڪيشنل ٽريننگس

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن پنهنجي روايتن موجب هميشہ اها ڪوشش ڪئي آهي تہ هو پنهنجي هر ڪم ۾ عوامي فلاح و بهبود کي مدنظر رکي، جنهن جو اول ۽ آخر مقصد هڪ اهڙي نتيجہ خيز تبديلي هجي، جنهن سان ماڻهن جي غربت ۾ گهٽتائي اچي ۽ هو پاڻيرا ٿي سگهن. سرسو جي اها تاريخ رهي آهي تہ ڪهڙو بہ پروگرام يا پراجيڪٽ هجي، ان جو مقصد ڪميونٽي مان ”غربت گهٽائڻ“ ۽ ”پنهنجي مدد پاڻ“ جي اصولي موقف بلڪ اقدام هوندو آهي.

اهڙائي ڪجهہ اقدام سرسو پاران ڪميونٽي جي بيروزگار نوجوانن (مردن توڙي عورتن) جي لاءِ پڻ ڪنيا ويا آهن. اهڙي نيڪ ڪم، سرسو سان سنڌ حڪومت جو هڪ شاندار پروگرام ”بينظير ڀٽو شهيد ڊولپمينٽ پروگرام“ (جنهن کي عرف عام ۾ BBSYDP چيو وڃي ٿو) جو سهڪار رهيو آهي. سرسو ۽ BBSYDP گڏجي سنڌ جي اڻ پڙهيل، اڌ پڙهيل ۽ تعليم يافتہ نوجوانن لاءِ ڇهن مهينن جو سرٽيفڪيٽ ڪورس شروع ڪيو، جنهن جا تفصيل هي آهن:

| نمبر | ضلعو | ٽريڊ | سينٽرن جو تعداد |
|---|---|---|---|
| 1 | شڪارپور | جديد سلائي، هٿ جو هنر، انفارميشن ٽيڪنالاجي، بڪنڪنگ اڪائونٽنگ ۽ آڊيٽنگ“ | 07 |
| 2 | ڪشمور | جديد سلائي هٿ جو هنر، انفارميشن ٽيڪنالاجي، بڪنڪنگ اڪائونٽنگ ۽ آڊيٽنگ، هيجري“ | 05 |
| 3 | جيڪب آباد | جديد سلائي هٿ جو هنر، انفارميشن ٽيڪنالاجي، بڪنڪنگ، اڪائونٽنگ ۽ آڊيٽنگ“ | 05 |
| 4 | شهدادڪوٽ | جديد سلائي، نفارميشن ٽيڪنالاجي، بڪنڪنگ اڪائونٽنگ ۽ آڊيٽنگ“ | 03 |
| 5 | گهوٽڪي | جديد سلائي، هٿ جو هنر، انفارميشن ٽيڪنالاجي، بڪنڪنگ، اڪائونٽنگ ۽ آڊيٽنگ“ | 06 |
| 6 | خيرپور | جديد سلائي، انفارميشن ٽيڪنالاجي، بڪنڪنگ اڪائونٽنگ ۽ آڊيٽنگ“ | 03 |





چاڻايل 6 ضلعن ۾ ڪل 2039 بيروزگار نوجوانن کي چاڻايل ٽريڊس ۾ تربيت ڏني وئي آهي، جنهن ۾ مرد 962 ۽ عورتون 1077 آهن.

چاڻايل تعداد جي ٽريڊس جي تفصيل هيٺ ڏجي ٿي:

| نمبر | ٽريڊ | خيرپور | گهوٽڪي | شڪارپور | شهدادڪوٽ | ڪشمور | جيڪب آباد | ٽوٽل |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 | ٽيلرنگ | 60 | 59 | 221 | 95 | 33 | 178 | 646 |
| 2 | هوم ميڊ پراڊڪٽ | - | 50 | 44 | - | 22 | 89 | 205 |
| 3 | بينڪ اڪائونٽس | 92 | 99 | 57 | 39 | 22 | 50 | 359 |
| 4 | ڪمپيوٽر | 144 | 166 | 188 | 128 | 59 | 101 | 786 |
| 5 | هيچري | - | - | - | - | 43 | - | 43 |
| | ٽوٽل | 296 | 374 | 510 | 263 | 179 | 418 | 2039 |



سرسو، سنڌ حڪومت جي سهڪار سان، مٿي چاڻايل ضلعن جي مختلف تعلقن ۽ ڳوٺن ۾ هنري سکيا جا مرڪز کوليا، جن ۾ ماهر ۽ تجربيڪار ماسٽر ٽرينرس مقرر ڪيا ويا ۽ انهن کي خاص هدايتون ڏنيون ويون ته هن پروگرام جو مقصد هنر حاصل ڪري روزگار حاصل ڪرڻو آهي.

ان کان علاوه هن پروگرام کي سرسو جي انٽرپرائيز ڊپارٽمينٽ سان پڻ جوڙيو ويو ڇوته سرسو جو انٽرپرائيز پروگرام، تمام وڏي پيماني تي سڄي سنڌ ۾ عورتن جي هنر ۽ مختلف پراڊڪٽس جي مارڪيٽنگ ۾ زبردست ڪم ڪري رهيو آهي. جنهن تحت مختلف ضلعن ۾ بزنس ڊولپمينٽ گروپس (BDGs) ٺاهيا ويا آهن. BBSYDP جي ٽرينڊ عورتن کي BDGs سان لنڪ پڻ ڏنو ويو آهي ۽ شڪارپور ضلعي جي ڳوٺ ڪاهيءَ جو ٽرينڊ عورتون هاڻي چڱو بزنس حاصل ڪري رهيون آهن. ان کان علاوه انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمينٽ اسڪل ڊولپمينٽ (IMSD) طرفان ٽرينڊ ٽريني جي روزگار رٿا (Employability Plan) پڻ جوڙيو ويو ته جيئن پوسٽ ٽريننگ پروگرام تحت تربيت يافته شاگردن کي روزگار سان لڳائڻ ۾ مدد ڪجي.

انهيءَ ڏس ۾ سرسو جي مائيڪرو فنانس شعبي جي سهڪار سان تربيت يافته عورتن کي ٿلهو قرض ڏنو ويو، جنهن مان هنن هڪ سلائي مشين خريد ڪري، پنهنجي روزگار جي شروعات ڪئي آهي.

هنري سکيا جي هن پروگرام ۾ اڪثر سکيا وٺندڙ، خاص طور تي عورتون انهن ڳوٺن يا ڪميونٽيز مان ٿي چونڊيون وينديون آهن، جتي سرسو جون VOs, COs ۽ LSOs جڙيل آهن. يعني هي پروگرام مختلف طريقن سان سرسو جي منظم ڪيل ماڻهن سان سڌيءَ ۽ اڻ سڌي طرح سان لاڳاپيل آهي.

*

# هيلٿ انشورنس جا فائدا

**راشد حسين ڀٽي**
مئنيجر، مائڪرو هيلٿ انشورنس

قرآن پاڪ ۾ لکيل آهي ته ”نيڪيءَ جي ڪمن ۾ هڪٻئي سان تعاون ڪيو“ اِها حقيقت به آهي ته انسان اُهو ئي بهتر آهي جيڪو ٻين جي ڪم اچي. اهوئي انسان هميشه زنده رهندو آهي جيڪو ٻين جي تڪليفن کي پنهنجي تڪليف سمجهي. سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي عملي هميشه ٻهراڙين ۾ رهندڙ غريب ماڻهن جي تڪليفن، بيمارين ۽ انيڪ مسئلن کي پنهنجو درد سمجهيو آهي ۽ ان ڏس ۾ سنڌ جي اترين ضلعن ۾ ڳوٺاڻي سطح تي مختلف صحت جا مسئلا درپيش آيا. جتي ڳوٺاڻا مختلف بيمارين ۽ تڪليفن کي مُنهن ڏئي رهيا هئا، سنڌن کو واهر ڪرڻ وارو نه هيو. اهڙن مسئلن کي نظر ۾ رکندي سرسو نالي واري انشورنس ڪمپني ”آدم جي“ سان صحت جو هڪ باقاعده معاهدو ڪيو ۽ آڪٽوبر 2005ع ۾ صحت پاليسي متعارف ڪرائي، جنهن کي تمام گهڻو ساراهيو ويو ڇوته ان پاليسي تحت غريب ڳوٺاڻين عورتن ۽ مردن جي هڪ وڏي تعداد فائدو حاصل ڪيو ۽ انهن جو علاج علائقن جي مشهور وڏين اسپتالن ۾ ڪرايو ويو. هي صحت پاليسي سنڌ جي نون (09) ضلعن ۾ متعارف ڪرائي وئي آهي جنهن ۾ خيرپور، سکر، گهوٽڪي، نوشهروفيروز، شڪارپور، ڪنڌڪوٽ، جيڪب آباد، شهدادڪوٽ ۽ لاڙڪاڻو اچن ٿا.



مائڪرو هيلٿ انشورنس جي اها ڪاميابي آهي ته هن وقت تائين 758,910 گهراڻا / ميمبر اهڙيون صحت جون پاليسيون وٺي چڪا آهن. صحت جي مسئلن کي منهن ڏيڻ لاءِ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن آدم جي انشورنس سان ملي ڪري مختلف انشورنس پاليسين جا پيڪيج پڻ متعارف ڪرايا آهن. جنهن ۾:

**هيلٿ انشورنس پاليسي:** هن صحت پاليسي ۾ جنهن ميمبر جو نالو رسيد ۾ لکيل هوندو آهي. اُهو آسانيءَ سان فائدو حاصل ڪندو/ ڪندي آهي. جنهن ۾ -/15000 هزار روپين تائين سندن علاج ڪرايو ويندو آهي. جڏهن ته عورت کي ويم جي صورت ۾ پڻ -/15000 هزار روپين تائين فائدو حاصل ڪندي آهي. جيڪڏهن خدا نه خواسته حادثاتي يا قدرتي فوتگي ٿي ته ان صورت ۾ سندن گهر ڀاتين کي -/25,000 هزار روپيا ڏنا ويندا آهن. هن وقت تائين 114 ميمبر هن پاليسي مان فائدو حاصل ڪري چڪا آهن.

**حادثاتي يا قدرتي فوتگيءَ واري پاليسي:** هن پاليسيءَ تحت حادثاتي يا قدرتي موت جي صورت ۾ -/50,000 روپين تائين معاوضو ڏنو ويندو آهي. تازوئي پنج اهڙا به ميمبر هئا جن کي ان پاليسيءَ تحت پاليسي تحت سندن گهر ڀاتين کي معاوضو فراهم ڪيو ويو آهي. جن ۾ لاڙڪاڻي جون شمشاد خاتون، پروين خاتون، منظوران ۽ صابل خاتون شامل آهن.

**گهراڻي جي پاليسي:** هيءَ پاليسي گهراڻي جي سطح تي متعارف ڪرائي وئي آهي. جنهن تحت هڪ گهر ۾ رهندڙ سيئي گهر ڀاتي پنهنجو علاج آساني سان ڪرائي سگهن ٿا. هن پاليسي تحت علاج دوران -/25,000 روپيه انشورنس ڪمپني ادا ڪندي جڏهن ته هيءَ انشورنس هر گهر ڀاتيءَ لاءِ الڳ الڳ آهي. قدرتي يا حادثاتي موت سبب ان پاليسي تحت سندن پونئيرن کي -/30,000 هزار رقم جي صورت ۾ معاوضو ڏنو ويندو آهي.



هيلٿ انشورنس پاليسي تحت ٻهراڙين ۾ رهندڙ غريب ماڻهن کي فائدا مهيا ڪيا پيا وڃن، جنهن ۾ ڳوٺ سليمان شيخ يو.سي منگراڻي تعلقہ لکي ضلع شڪارپور جي زبيده پڻ شامل آهي.

هڪ ڏينهن زبيده کي اوچتو پيٽ ۾ شديد سور پيو تہ زبيده کي لکي تعلقي اسپتال ۾ چيڪ اپ لاءِ وٺي ويا، زبيده جو الٽراسائونڊ ڪيو ويو، جنهن ۾ کيس خبر پئي تہ هن کي پتي ۾ پٿري آهي جيڪا صرف آپريشن ذريعي ئي نڪري سگهي ٿي.

ڊاڪٽر زبيده جي مڙس افعان کي ٻڌايو تہ زبيده کي پتي ۾ پٿري آهي جنهن جو آپريشن ٿيندو ۽ ان تي خرچ 20 کان 25 هزارن تائين اچي سگهي ٿو.

اهو ٻڌي افعان تمام گهڻو پريشان ٿي ويو گهر اچي، هن زبيده کي چيو تہ مان ايترا پئسا ڪٿان آڻيان جو تنهنجو آپريشن ڪرايان، مان هڪ مزدور ماڻهو آهيان، روز ڪمائيندو آهيان تڏهن ئي ٽي وقت ماني کائيندا آهيون ۽ ڳوٺ مان مونکي ايترا پئسا قرض طور ڪير ڏيندو! اهو سمورو احوال اوريندي افعان جي اکين مان ڳوڙها وهي پيا، جنهن تي زبيده کيس تسلي ڏني تہ پريشان ٿيڻ جي ڪا ڳالهہ ناهي مان سرسو پاران جوڙيل ڳوٺاڻي تنظيم جي ميمبر آهيان ۽ منهنجي صحت جي پاليسي ٿيل آهي. جيڪا سرسو اداري پاران ڪئي وئي آهي. منهنجي علاج جي ذميداري سرسو اداري جي انشورنس يونٽ تي آهي ۽ سمورو خرچ بہ انشورنس ڪمپني پاڻ ادا ڪندي. اهو ٻڌي افعان کي سرهائي محسوس ٿي ۽ پڪ ڪرڻ لاءِ زبيده کي چيائين تہ سچ پئي ڳالهائين!!؟ جنهن تي زبيده کيس تسلي ڏني. ۽ چيائين تہ سرسو اداري ۾ هڪ انشورنس يونٽ آهي جيڪو غريب گهراڻن جي مدد ڪندو آهي، جنهن تحت غريب گهراڻن جو مفت علاج ڪرايو ويندو آهي.

جڏهن زبيده افعان کي تنظيم VO سليمان شيخ جي صدر سان ملرايو. جنهن افعان کي ٻڌايو تہ توهان فڪر نہ ڪريو زبيده جي علاج جو سمورو خرچ سرسو، انشورنس ڪمپني ادا ڪندي. جنهن بعد تنظيم جي صدر لکي يونٽ جي انشورنس فوڪل پرسن اسدالله سومرو سان رابطو ڪيو ۽ زبيده جي بيماريءَ جو ذڪر ڪندي کيس ٻڌايو تہ زبيده کي تمام گهڻي تڪليف آهي، ٻڌايو تہ هن جو ڪهڙي اسپتال مان علاج ڪرايون، جنهن تي اسدالله پينل اسپتالن جي سڄي معلومات کيس ڏني، جنهن بعد زبيده زبير ميڊيڪل سينٽر شڪارپور وڃڻ جو فيصلو ڪيو. جتي چيڪ اپ ڪرڻ بعد زبيده جو ڪامياب آپريشن ڪيو ويو.

اسپتال ۾ ٽي ڏينهن رهڻ بعد مڪمل صحتياب ٿي زبيده پنهنجي گهر واپس آئي ۽ تنظيم جي سمورن ميمبرن کي پنهنجي گهر گهرائي کين ٻڌايو تہ هاڻ مان بلڪل خوش آهيان. ۽ کين ٻڌايو تہ منهنجي علاج جو سمورو خرچ انشورنس پاليسي تحت ادا ڪيو ويو ۽ مون کي هڪ روپيو بہ خرچ نہ ڪرڻو پيو. زبيده چوڻ لڳي تہ هاڻ اسين سڀئي ميمبر انشورنس ڪرائينداسين ۽ هن پروگرام کي يونين ڪائونسل سطح تائين ڪٺي ويندا سين تہ جيئن ڪوئي غريب پئسن نہ هجڻ جي ڪري پنهنجو علاج ڪرائڻ کان رهجي نہ وڃي.

الله پاڪ جو شڪر ادا ڪندي زبيده سرسو اداري جا ٿورا مڃيا، هن وقت زبيده پنهنجي ٻچڙن سان صحتمند زندگي گذاري رهي آهي. ۽ جڏهن بہ زبيده کي وقت ملندو آهي تہ هوءَ ٻين ڳوٺن ۾ وڃي ڪري انشورنس جي هن پاليسي جو پيغام پهچائيندي رهندي آهي.

جي منزل تي پير پاتو ۽ وِيامي پئي. ممتاز خاتون جي گهر ۾ اهڙيون خوشيون نظر آيون جيئن ڪنهن جي گهر ۾ پٽ ڄمندو آهي ۽ چنئي ڪٿي ويندي آهي. ائين ئي هِن جي گهر ڳوٺ جا ماڻهو ۽ سرسو اداري ۽ LSO جا ميمبر ممتاز خاتون کي مبارڪون ڏيڻ آيا.



هِن پنهنجي اکين ۾ خوشين جا لڙڪ آڻيندي سرسو ۽ LSO جون مهربانيون مڃيندي چيو ته مان ڪڏهن سوچيو به نه هو ته هڪ غريب عورت ڪڏهن پنهنجي ذاتي ڪمائيءَ مان هڪ مينهن جي مالڪياڻي ٿي سگهندي. ڇوته منهنجي گهر جي آمدني گهر جو پورائو ئي مشڪل سان ڪري سگهندي آهي.

ممتاز خاتون هاڻي اُن مينهن مان 6 ڪلو کير روزانو حاصل ڪري رهي آهي. جنهن مان ان مينهن کي به پالي ٿي ۽ ٻچڙن کي به کير پيئاري ٿي ۽ آئي وئي جي وقت ۾ پريشان به نه ٿي رهي ڇوته هُن کي هاڻي کير پنهنجي مينهن جو آهي ۽ ڏاڍي خوش آهي ۽ هُوءَ اِها ڳالهه ڪندي رَهي ٿي ته جيڪڏهن ادارو اهڙا پراجيڪٽ غريبن تائين پهچائيندو رهندو ته اسان جي هِن پياري سنڌ جي ڳوٺن مان غربت پاڻ ئي ختم ٿي ويندي ۽ مان جهڙا گهڻا ئي غريب پنهنجي مال مويشي وارا ٿي ويندا ته غريبن لاءِ سوچيندڙ ۽ گهر گهر سَروي ڪري انهن جي غربت ڏِسي انهن تائين انهن جو حق پهچائيندڙ سرسو کان سواءِ ٻيا ادارا نظر ڪونه ٿا اچن ۽ جي ڪڏهن سرسو جيئان ٻيا به ڪي ادارا ۽ انهن جا ڪارڪن سوچين ته شايد اسان جي غريب ماڻهن منجهان مايوسي ختم ٿي وڃي ۽ احساس محرومي نه رهي ۽ غريبُ ختم ٿيڻ بجاءِ غربت ختم ٿي وڃي.

**

### * سچا موتي *

* دولت هجڻ ڪري ماڻهو پنهنجو پاڻ کي وساري ويهي ٿو ۽ دولت نه هجڻ ڪري دنيا ان کي وساري ڇڏي ٿي.
* جڏهن ڪنهن غريب جي قسمت بدلبي آ ته اهي رشتيدار جيڪي پهريائين، ان کان اکيون ڦيرائيندا هئا، اهي اکيون ملائڻ لاءِ بيتاب هوندا آهن.
* سخت تنقيد سان ماڻهو جو سارو جوش ٿڌو ٿي ويندو آ، ليڪن ٿوري تعريف ۾ همت افزائي، جادو جو اثر ڏيکاري ٿي.
* جيڪي توهان جا دوست آهن. اهي هر صورت ۾ توهان جا دوست رهندا، چاهي توهان سٺي يا بري حال ۾ هجو يا زنده ۽ فنا ٿي ويا هجو.
* الله پاڪ پنهنجي دوست کي آزمائش ۽ امتحان ۾ مبتلا ڪندو آهي، پوءِ هو اگر صبر کان ڪم وٺندو ته اوترا ان جا رتبا بلند ٿيندا.
* هميشه چڱن ڪمن ۾ پهرئين صف اختيار ڪندا ڪيو. پهرئين صف بهادرن ۽ همت وارن جي هوندي آهي.
* يقيناً اُهي انڌا ۽ ٻوڙا آهن جيڪي ڪنن سان ٻڌن ۽ اکين سان ڏسن ٿا. پر انهن جون دليون خدا جي ذڪر کان خالي آهن.

جيڪب آباد جي گهڻين يونين ڪائونسلن ۾ ڳوٺن ۾ اهڙا ڪوڙ سارا خاندان ۽ ماڻهو رهن ٿا جن کي حفاظتي ٽيڪن بابت ڪا ڄاڻ نه آهي ۽ نه ئي ڪين انهن جي اهميت جي ڪا خبر آهي.

اهڙن ڳوٺن ۾ LSO ۽ CO/VO جي ذريعي انهن ڳوٺاڻن کي حفاظتي ٽيڪن بابت ڄاڻ ڏني ويئي ٿي ۽ ويڪسين ڪرائڻ جا فائدا ۽ ٽڪن نه هڻائڻ جا نقصان ٻڌايا وڃن ٿا ته جيئن اهي ڳوٺاڻا پنهنجي ذميواريءَ جو احساس ڪن ته اسين ڪيترو پنهنجي صحت جو نقصان ڪري رهيا آهيون.

سرسو جا ڪارڪن ڏورانهن علائقن ۾ ڳوٺ ڳوٺ پهچي حفاظتي ٽڪن بابت ڳالهيون ڪري ڳوٺاڻن کي مفيد معلومات فراهم ڪندي ڪين اها به آگاهي ڏئي رهيا آهن ته صحت هزار نعمت آهي انهيءَ جو قدر ڪريو ۽ پنهنجي ٻارڙن ۽ حامله عورتن کي بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا لڳرايو. انهيءَ سموري عمل ۾ لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن جو وڏو عمل دخل آهي.

حامله عورتن ۽ 2 سالن کان گهٽ ٻارڙن کي جن بيمارين جا ٽڪا لڳايا ويندا آهن انهن جو تفصيل هيٺ ڄجي ٿو.



| | |
|---|---|
| ٽي.بي TB | Childhood Tuberculosis |
| پوليو | Poliomyelitis |
| خناق | Diphtheria |
| جهٽڪو | Tetams |
| وڏي کنگهه | Whooping cough |
| ڪارو ڪامڻ | Hepatitis B |
| گردن توڙ بخار | Meningitis Pneumonia |
| ارڙي | Measles |

هن وقت ضلع جيڪب آباد جي ٽن تعلقن جي 40 يونين ڪائونسلن ۾ ڪم ڪري رهيو آهيون. جنهن ۾ 2 سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارڙن جي داخلا 25730 ٿي چڪي آهي ۽ حامله عورتون 9231 رجسٽرڊ ٿي چڪيون آهن. هن وقت تائين 5000 کان وڌيڪ ٻارڙن کي بچاءَ وارا ٽڪا لڳي چڪا آهيون. جڏهن ته 1500 کان وڌيڪ حامله عورتن کي پڻ بيمارين کان بچاءَ جا ٽڪا لڳي چڪا آهيون. ۽ هي صحت بابت آگاهي ۽ بيمارين کان بچاءَ جو هي سلسلو جاري آهي، اسان کي پوري پوري اميد آهي ته اسين يو.سي جي سمورن 2 سالن کان گهٽ عمر جي ٻارڙن ۽ حامله عورتن تائين پهچي گهر گهر صحت بابت آگاهي ڏئي ڪري هن معاشري جي هر فرد کي بيمارين کان بچائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندا رهنداسين.



سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي جفاڪش ۽ ولولي سان ٽمٽار سماج سڌارڪ عملي سان وستين، واهڻن، ڳوٺ ۽ شهرن ۾ سماجي جاڳرتا پيدا ڪرڻ جهڙو اهم ڪم سرانجام ڏيندي، عام ٻهراڙي جي غريب ماروئڙن ۾ سجاڳي بيداري جهڙي اهم پيغام ڏيڻ ۾ ڏينهن رات مشغول آهي ته جيئن اسان جا ٻار، مائرون، معاشرو، گهر ۽ ڳوٺ نه فقط تندرست رهن گڏوگڏ پنهنجي ملڪ جي ترقي لاءِ پڻ بهتر ڪم سرانجام ڏئي سگهن.

# حُصولات جي شعبي جون سرگرميون

اميت راجا

ڀهراڙي سان تعلق رکندڙ غريب ماڻهو، جيڪي بنيادي سهولتن کان وانجهيل آهن، تن کي منظم ڪرڻ، ڀڄي ايڪو سيڪاريندي هڪ هنڌ گڏ ويهي پنهنجي زندگيءَ کي خوشحال بنائڻ لاءِ رٿابندي ۽ عملي قدم کڻڻ لاءِ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن "سماجي تحرڪ" جو فلسفو استعمال ڪندي، غريب ماڻهن ۾ هلچل، تحرڪ، تحريڪ ۽ انقلاب پيدا ڪرڻ لاءِ لوچن ۽ سوچين ٿا.

غريب ماڻهو هنر، ڪاريگري، مهارت جي زيورن سان آراستا ۽ سينگاريا وڃن ته محنت ڪندي روزانو ناڻو ڪمائي سگهن جنهن سان سندن ٻارن جي تعليم ۽ گهر جي چلهي ٻرڻ جو بندوبست ٿي سگهي.

مٿين ڪم کي سرانجام ڏيڻ لاءِ اداري ڪجهه سيڪٽر تشڪيل ڏنا آهن جيڪي غريبن ۾ وڃي انهن سان گڏجاڻيون ڪندي ڪين هٿائين ٿا، فني صلاحيتون فراهم ڪندي، ٻاهر دورا پڻ ڪرائين ٿا ته جيئن عملي طرح سندن جاڳرتا ٿي سگهي.

اهڙي هيٺين سطح Gross Root ليول جي ڪم کي ڏسڻ، مشاهدو ڪرڻ ۽ پڻ انهن جي مالي سهائتا ڪرڻ لاءِ اسان وٽ مختلف ادارا ايندا آهن جيڪي مالي سهائتا ڪندي ڀهراڙي جي غريب ماڻهن جو معيار زندگي اچان بلند ڪرڻ چاهين ٿا. پوءِ ڀلي اهي غريب ماڻهو مال مويشي، زراعت، ٽوپو، سلائي، ڀرت، رليون، ٽوپي، اجرڪ، ڊائيو، ڊرائيونگ، موٽر مستري يا ڪنهن ٻه شعبي سان واڳيل چونه هجن تن سڀني جي آمدني وڌائڻ لاءِ اهي سڀ ادارا سرسو سان سلهاڙجي ڪم ڪندا آهن.

مالي مدد ڪندڙ ادارن جي ڪجهه نالا هيٺ ڏجن ٿا.
Brooke, GoP, GoS, PPAF, WFP, RSPN, UKAID, USAID, DFID, FAO, STC, HelpAge International, Europium Union وغيره وغيره.

جڏهن اهڙا ادارا مالي سهڪار ڪندا آهن ته انهن اسمن جي خريداري مرڪزي طور تي اداري طرفان ڪئي ويندي آهي. جنهن لاءِ اداري Procurement Unit جو قيام وڌو آهي. هن يونٽ عالمي معيار موجب پروڪيورمينٽ پاليسي ترتيب ڏني آهي جيڪا USAID ۽ ٻين وڏن عالمي ادارن وٽ قابل قبول ۽ معيار مطابق آهي. جنهن کي بورڊ جي ڊائريڪٽرن پڻ منظور ڪيو آهي. ان پاليسي تي عملدرآمد ڪرائڻ لاءِ هڪ ڪميٽي جو قيام پڻ عمل آندو ويو آهي. جنهن کي Procurement Committee سڏيو ويندو آهي.

جنهن ٻه سيڪٽر کي ڪوبه سامان گهربل هوندو آهي ته هو Request Form ڀري سيڪٽر ۾ جمع ڪرائيندو آهي پوءِ سيڪٽر وارا مختلف وينڊرن کان ڪوٽيشن گهرائيندا آهن. ڪمپريٽو اسٽيٽمينٽ ٺاهيندي ڪميٽي جي آڏو پيش ڪندا آهن، پوءِ ڪميٽي مختلف طريقا استعمال ڪندي گهن، معيار ۽ وينڊر جي ساک کي نظر ۾ رکندي آرڊر ڏيندا آهن. ويهه لک کان مٿي خريداري لاءِ اخبار ۾ اشتهار ڏنو ويندو آهي.

حصولات جو شعبو پنهنجي معيار کي برقرار رکندي واڳيل شعبن ۽ اداري جي نيڪ نامي لاءِ شفاف طريقي سان ڪم سرانجام ڏئي رهيو آهي. جنهن سان غريب ماڻهن جي مالي سهائتا ٿي رهي آهي. هن شعبي جي اهڙي ڪم ڪري غريب ڳوٺاڻن لاءِ وقت سر پروگرام منعقد ٿي رهيا آهن ۽ ڪيترائي پراجيڪٽ پنهنجي ڪاميابي حاصل ڪندي غريبن جي زندگي ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ روان دوان آهن.




# وقت ۽ وير

محمد زاهد سومرو

ڪنهن ڏاهي جو قول آهي تہ "وقت ۽ وير" ڪنهن جوبہ انتظار نہ ڪندا آهن. "Time & tide wait for none" وقت بادشاهہ آهي. جنهن وقت جو قدر ڪيو، ان جو قدر وقت بہ ڪندو آهي.

هڪ ملڪہ سڪرات ۾ هئي، سندس وارثن حڪيمن طبيبن، ويڄن ۽ ڊاڪٽرن کي عرض ڪيو تہ جيترا پئسا گهرندئو ڏينداسين، ملڪہ جي حياتي بچائي ڏيو. هڪ حڪيم چيو تہ هڪ ڪروڙ عيوض بہ ملڪا کي هڪ ڪلاڪ جي حياتي ڪونہ ٿا ڏياري سگهون. ان مان وقت جي اهميت جي خبر پئي ٿي. ڪالهہ آءٌ شاگرد هيس، مون وٽ پڙهڻ لاءِ ٽائيم بہ هيو. مان محنت عيوض بالا آفيسر ٿي سگهان پيو. مون وقت جو قدر ڪونہ ڪيو، ڪيس وڃائيندي هاسٽل ۾ ٽنيون ڪندو رهيس. اڄ اهو شاگرديءَ جو زمانو پوري دنيا بہ لٽائي ڇڏيان واپس ڪونہ ايندو.

**هڪ منٽ جي منصوبہ سازي، ڏهہ منٽ عملي صورت جا بچائي سگهي ٿي.**



ڪاميابي جي لاءِ زندگيءَ تي ضابطو حاصل ڪرڻ لازمي آهي. ۽ زندگي ضابطو حاصل ڪرڻ لاءِ وقت تي ظابطو ڪرڻو پوندو. وقت کي سٺي ۽ بهترين طريقي سان استعمال ڪرڻو پوندو. وقت جو صحيح استعمال ڪاميابي جي ڪنجي آهي. ڪامياب ماڻهو پنهنجي وقت کي سٺي انداز سان استعمال ڪري پنهنجي مقصد کي مدنظر رکي پنهنجو حدف حاصل ڪري وٺندو آهي. ڪامياب ماڻهن کي پنهنجي ۽ ٻين جي ڪم ڪرڻ لاءِ وقت هوندو آهي ۽ ناڪام / ناڪامياب ماڻهن کي تہ هميشہ وقت کان شڪايت هوندي آهي. ۽ چوندا آهن تہ وقت ئي نہ ٿو ملي ڪم وڌيڪ آهي. جڏهن تہ وقت گهٽ هجڻ جهڙي ڪا ڳالهہ بہ متاثر نہ ٿي ڪري سگهي. ڇوجو وقت تہ پنهنجي رفتار سان هلندو آهي ۽ هلي ٿو. بس ڪم جو تعين توهانجو وقت پورو ڪري سگهي ٿو. پر هر ماڻهو وٽ پنهنجي خاص ڪم لاءِ وقت هوندو آهي ۽ اها حقيقت آهي تہ وقت نہ هوندو آهي پر ڪنهن ڪم لاءِ وقت ڪيڊو پوندو آهي. جيئن تہ ڪامياب ماڻهو کي بہ 24 ڪلاڪ هوندا آهن ۽ ناڪامياب ماڻهو لاءِ بہ 24 ڪلاڪ هوندا آهن. ڪامياب ماڻهو صرف پنهنجي اهم ڪمن لاءِ وقت جو تعين ڪندا آهن ۽ ڪاميابي ماڻيندا آهن. پر ناڪامياب ماڻهو پنهنجي غير ضروري ڪمن لاءِ وقت جو ضيان ڪن ٿا.

وقت نهايت قيمتي آهي. دولت کان بہ وڌيڪ قيمتي آهي. مان سمجهان ٿو تہ دنيا جي هرشيءِ کان وڌيڪ قيمتي وقت جون گهڙيون آهن. دولت جيڪڏهن ختم ٿي وڃي تہ توهان ان کان وڌيڪ ڪمائي سگهو ٿا. پر جيڪڏهن وقت هڪ دفعو هٿن مان نڪري وڃي تہ اهو وقت ٻيهر واپس نہ وري سگهي ٿو. وقت برف جيان آهي جيڪڏهن اوهان

4. **وقت جو تعين ڪرڻ :** Time Management جو هڪ اهم اصول هي به آهي ته هرڪم کي پورو ڪرڻ لاءِ وقت مقرر ڪيو وڃي. مطلب ته هي ڪم آئون ڪڏهن، ڪيئن ۽ ڪيتري وقت ۾ مڪمل ڪري سگهان ٿو. ۽ سلجهيل انسان پنهنجي وقت جو تعين ڪري ڪم Select ڪندو آهي ۽ انکي پورو ڪندو آهي.

5. **وقت جي پابندي:** وقت کي سٺو استعمال ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته وقت جي پابندي ڪئي وڃي.

6. **وقت بچائڻ جا ڪجهه آسان طريقا :** (1) ڪم تيزيءَ سان ڪيو، ڪم کي جلدي شروع ڪيو ۽ انکي تيزيءَ سان ڪرڻ جي صلاحيت رکو. (2) اهم ڪم وڏيڪ ڪريو. غيرضروري ڪم نه ڪريو، ائين ڪرڻ سان اوهان کي ضروري ڪم ڪرڻ لاءِ ڪوڙ سارو وقت ملندو. (3) سڀ ڪم غور سان ڏسو ۽ ڪوشش ڪريو جيڪي ڪم هڪجهڙا هجن انهن کي گڏ ۽ پهريان ڪريو. (4) صبح جو جلدي اٿو، ۽ ڪم ڪرڻ ڏانهن روانا ٿيو. ائين ڪرڻ سان اوهان جو وقت بچندو. (5) وقت کي دولت وانگر استعمال ڪريو. غيرضروري ڪمن تي توجه / خرچ نه ڪريو. (6) ڪم جي دوران وقفو ڪريو، هڪ اصول هي آهي ته هر 45 منٽن ڪانپوءِ 5 منٽ وقفو ڪريو، ايئن اوهان تروتازه ٿي ويندا ۽ بيهر ڪم ڪرڻ جي صلاحيت وڌي ويندي. (7) وقت کي سٺي طرح استعمال ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته اوهان پنهنجي سمهڻ ۽ اٿڻ جو وقت مقرر ڪري ڇڏيو. جلدي سمهون ۽ جلدي اٿي ڪري ڏينهن جو آغاز ڪريو. (8) وقت کي بچائڻ جو هڪ ٻي سٺو طريقو آهي ته جيڪي ضروري ڪم آهن اهي اڳ ۾ ڪريو. (9) ڪوشش ڪري جڏهن اوهان واندا هجو ته ڪتاب پڙهو، ناول پڙهو، نوٽس، ڪرنٽ افيئرس جو مطالعو ڪريو ائين ڪرڻ سان اوهان جون صلاحيتون به وڌنديون ۽ وقت جو ضيان به نه ٿيندو.

مٿين سڀني شين تي سٺي، پڪي ۽ پختي سوچيل طريقي سان عمل ڪندي هڪ ماڻهو ادارو ۽ ملڪ سوچيل منزل کي حاصل ڪرڻ جي ويجهو پهچي ويندا آهن. اهڙين ڪاميابين جي ماڻڻ لاءِ مٿيون لائحه عمل آزموده ۽ ڪامياب ثابت ٿيندي ڏٺو ويو آهي.

اميد ٿي ڪجي ته اسان جون VOs, COs جهڙا ادارا اهڙي منصوبه سازي تي عمل ڪندي وقت جهڙي قيمتي، انمول ۽ ناياب شيءِ جو صحيح استعمال ڪندي جڳ ۾ ڪاميابيون ماڻي سگهن ٿا جيڪي ٻين لاءِ به سبق آميز ثابت ٿينديون.

*

<u>نثار پنهوار جي ڪتاب "خيال اڏارون" مان چونڊ</u>

- افسوس ان قوم تي آ جي صرف ان وقت بغاوت ڪن ٿا. جڏهن ڦاسيءَ جو ڦندو انهن جي ڳچين تائين پهچي ٿو.
- زندگيءَ ۾ ڪجهه منزلون اهڙيون به آهن جيڪي اسان جي عقل ۽ دانش کان ڇڙهيل آهن.
- جيڪڏهن تو هر حال ۾ جيئڻ سکي ورتو ته يقين ڪر زندگي جو وڏو گُر سکي ورتئي.
- گهڙيال جي ڪانٽن کي غور سان ڏس!!، وقت هر سيڪنڊ تي توکي الوداع چوندو پيو وڃي.
- اگر زندگيءَ کي ڀرپور نموني گذاريو وڃي ته ان کي ماپڻ لاءِ ڊگهي عمر نه پر سٺن ڪمن جي ضرورت آهي.
- هر شخص کي پيدائش وقت ئي سزاءِ موت ٻڌائي وڃي ٿي مگر تاريخ، جڳهه ۽ وقت پوشيده رکيو ويندو آهي.
- جيستائين ماڻهن جا والدين زنده آهن انهن کي مقدس جاين تي وڃڻ جي ضرورت ناهي.
- معاف ڪرڻ ۾ جلدي ڪرڻ انتها درجي جي شرافت ۽ انتقام وٺڻ ۾ تڪڙ ڪرڻ انتها درجي جي ذلالت آهي.

# سنڌي ٻوليءَ جي لِساني جوڙجڪ

زبير سومرو

## ٻولي ڇا آهي ؟

اهڙا بامعنيٰ آواز ۽ اچار جن مان ڪو مطلب يا مفهوم ظاهر ٿئي، انهيءَ کي ٻولي چيو وڃي ٿو. ٻين لفظن ۾ اهڙن سلسلي وار آوازن ۽ اچارن جو مجموعو جيڪو هڪ شخص استعمال ڪري ۽ ٻيو شخص انهيءَ کي ٻڌي ڪا معنيٰ اخذ ڪري انهيءَ کي ٻولي چئبو آهي. ٻوليءَ جي جوڙ جڪ ڪجهه هن ريت آهي.

اکر ← لفظ ← اصطلاح ← جملو ← پيراگراف ← مضمون

## مادري ٻوليءَ جي سکيا پڻ ضرو ري آهي :

اڪثر طور تي اهو سمجهيو ويندو آهي ته مادري ٻولي بلڪل آسان هوندي آهي، جو ته اها مادري ٻولي آهي. مادري ٻولي فرد جي هڪ اهڙي سهولت آهي جنهن ۾ هو سوچي، سمجهي، پڙهي ۽ لکي ٿو، مطلب انسان جو سمورو وجود ڏينهن جا 24 ڪلاڪ ۽ زندگيءَ جو هڪ هڪ پل اُن جي مادري ٻوليءَ سان واهپي ۾ گذري ٿو. جنهن ۾ مهارت وڏيڪ سهولت پيدا ڪندي. چين، جاپان، ترڪي، فرانس، سميت عرب خطي جي ملڪن پنهجي مادري ٻولين ۾ غير معمولي ترقي ڪري پنهجي قومي تعمير کي يقيني بڻايو آهي.

ٻار جيڪا ٻولي ماءُ وٽان سکي ٿو تنهن کي مادري ٻولي چئجي ٿو. ٻار جيڪا ٻولي ماءُ، گهر جي ٻين ڀاتين يا پاڙيسري ماحول کان سکي، تنهن کي پڻ مادري ٻولي چئجي ٿو. ٻار جي پهرين سکيل ٻولي کي پڻ مادري ٻولي چئبو آهي. ٻار جيڪا ٻولي سکي ٿو، ان ٻوليءَ ۾ ئي سوچي ٿو، خواب ڏسي ٿو ۽ غوروفڪر ڪري ٿو.

## ٻولي ماءُ هوندي آهي :

ڪنهن ڏاهي چيو آهي ته دنيا ۾ اهي قومون تاريخ ۾ پنهنجي وجود جي بقا قائم رکي سگهنديون آهن، جن جون ٻوليون زنده، تازيون ۽ قائم دائم رهنديون آهن. جن قومن پنهنجي مادري ٻوليءَ کي ڌاري ٻوليءَ جي پيٽ ۾ گهٽ چاڙهيو، اهي قومون دنيا جي نقشي تان ئي ميسارجي وينديون آهن.

ٻولي هميشه قوم جي نشاندهي ڪندي آهي، ۽ قوم جي وصف ۾ بنيادي شيون هيٺ ڏجن ٿيون.

1. ڪين پنهنجي ٻولي هجي.
2. انهن وٽ موروثي ثقافت، تمدن ۽ تهذيب هجي.
3. ۽ ڪين پنهنجي ڌرتي هجي.

مٿين وصفن سميت ڪابه ٻولي ڳالهائيندڙ ان قوم جا فرد سڏائي سگهن ٿا.

اسان جي سنڌي ٻولي به دنيا جي قديم، عظيم ۽ شاهوڪار ٻولين مان هڪ آهي. جيڪا سنڌ جي ساڍا چار ڪروڙ عوام سميت وچ ايشيا، هندستان، يورپ، لاطيني، امريڪا، نار جي ملڪن ۽ ننڍي کنڊ ۾ ڳالهائي ۽ سمجهي وڃي ٿي. اسان جو ادب دنيا جي معتبر ادبن منجهان آهي ۽ اسان جا شاعر، شاهه لطيف، شيخ اياز، استاد بخاريءَ تاجل بيوس، اياز گل، ۽ ادل سومري تائين پنهنجي ماءُ ٻوليءَ کي ڳائيندا رهيا آهن.

جي تون فارسي سکئين، ته گولو تون غلام! ( شاهه )
ميان تون ته اجان نه ٿو، سنڌيءَ ۾ سوچين،

متاثيندي آهي. ٻوليءَ جي انهيءَ تبديليءَ جي عمل ۾ صديون لڳي وينديون آهن ۽ انهيءَ تبديليءَ جي عمل جي پويان هيٺيان محرڪ هوندا آهن-

- تهذيب Civilization
- ثقافت Culture
- جاگرافي Geography
- اقتصاديات Economy
- موسميات Meteorology
- سياست Politics
- ادب Literature
- نفسيات Psychology
- سماجيات Sociology
- انسانيات Anthropology

## سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ

ڪجهه عرصو اڳ ٻوليءَ جي ماهرن جو خيال هو ته سنڌي ٻولي سنسڪرت جي هڪ شاخ آهي. پر جديد تحقيق مطابق سنڌي ٻولي دنيا جي چند قديم ترين ٻولين مان هڪ آهي، تنهن ڪري جنهن جون ٻوليون خاص طور تي هندستان جون سوين ٻوليون سنڌيءَ مان پيدا ٿيون آهن. هن ۾ عربي، فارسي ۽ هندي ٻوليءَ جا ڇُهاءُ پڻ ملن ٿا. جڳ مشهور عالم ۽ سياستدان مولانا عبيدالله سنڌي مطابق ته :

**" ست ٻوليون آسماني آهن، جن ۾ آسماني ڪتاب ۽ صحيفا نازل ٿيا آهن، انهن ستن ٻولين ۾ عربي، عبراني، يوناني، لاطيني، سرياني، سنسڪرت ۽ سنڌي ٻوليون شامل آهن. دنيا جون باقي سموريون هزارين ٻوليون انهن ستن ٻولين جي پيداوار آهن. "**

سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ تي لسانيات جي ماهرن جا رايا مختلف دورن ۾ مختلف رهيا آهن جن ۾ ڪجهه هيٺ ڏجن ٿا :

- سنڌو ماٿريءَ جا قديم رهاڪو آرين جا ابا ڏاڏا آهن ۽ سنسڪرت پڻ سنڌي زبان مان اسريل زبان آهي. سنسڪرت جنهن سنڌو ماٿريءَ ۾ 400 قبل مسيح ۾ گنڌارا خطي ۾ رائج لهجي جنم ورتو.

( ڊاڪٽر ڪرشنا راءِ )

سنڌي ٻوليءَ جو بنياد، رگ ويد جي آڳاٽي زماني کان به اڳ جو آهي جنهن جا اهڃاڻ هندن جي درسي پستڪ رگ ويد ۾ به ملن ٿا. ( ڊاڪٽر مرلي ڌر جيٽلي)

سنڌو ماٿري واري تهذيب، قبل آرياڻي تهذيب ۽ ٻولي آهي يقينن انهيءَ اوائلي زماني ۾ ڪجهه شاهوڪار ٻوليون رائج هيون جن مان دراوڙي يعني سنڌي به هڪ هئي. ( سر جان مارشل )

- سنڌي ٻولي سنسڪرت جي وراڇڙا اپياشا ۾ نڪتل ناهي، سنڌي ٻوليءَ جو خمير سنڌ جي مٽيءَ مان نڪتل آهي بلڪ هيءَ ته پراڪرت جي زماني کان به پهرين جي ٻولي آهي ( سر مارٽمر وهيلر )

## سنڌي ٻوليءَ جا لهجا

هونءَ ته سموري سنڌي ٻولي سهڻي سلوڻي ۽ ڪن رس کي ڇهندڙ ٻولي آهي، پر ان جا مختلف لهجا پڻ پنهنجي پنهنجي ڌار اهميت، سونهن ۽ سندرتا رکن ٿا. سنڌي ٻوليءَ کي بنيادي طور تي هيٺين لهجن ۾ ورهايو ويو آهي :

1. اترادي لهجو 2.لاڙي لهجو 3.ساهتي لهجو 4.وچولو 5.سرو

| مذڪر مونث جون غلطيون | | واحد جمع جون غلطيون | | |
|---|---|---|---|---|
| مذڪر / مونث | | واحد / جمع | | |
| غلط | صحيح | واحد | جمع (غلط ) | جمع(صحيح) |
| سُٺي موسم | سُٺو موسم | قدم | اقدام | قدمَ |
| سُٺي آواز | سُٺوآواز | تجويز | تجاويز | تجويزون |
| منهنجو دل | منهنجي دل | حڪم | احڪامات | حڪمَ |
| وڏي دڪان | وڏو دڪان | ضلعو | اضلاع | ضلعا |
| پراڻي ڪتاب | پراڻو ڪتاب | دڪانُ | دڪانون | دڪانَ |
| سُٺي غزل | سُٺو غزل | ڪتابُ | ڪتابون | ڪتابَ |
| ڏکهي نظم | ڏکهو نظم | غزلُ | غزلون | غزلَ |
| پهريون اخبار | پهرين اخبار | نظمُ | نظمون | نظمَ |
| | | ڪلاسُ | ڪلاسون | ڪلاسَ |
| | | ڪتابُ | ڪتابون | ڪتابَ |
| | | تجويز | تجاويز | تجويزون |

| ڌارين لفظن جو اجايو استعمال | |
|---|---|
| اجايو استعمال | سهڻو سنڌي استعمال |
| مُحلو | پاڙو |
| ايڊريس | ڏسُ پتو |
| چِٺي | موڪل |
| مُسلط | مڙهيل |
| مُنتشر | ڇڙوڇڙ |
| متاثرين | ستايل |
| شيوَ | سيرب |

| غلط جملو | صحيح جملو | غلط جملو | صحيح جملو |
|---|---|---|---|
| مان مورو وجان پيو. | مان موري وجان پيو. | پنج رپيه ۾ ورتم. | پنجين رپئين ورتم. |
| منهجو دل ٿو چاهي. | منهجي دل ٿي چاهي. | چار ڏينهن تائين رهندس. | چئن ڏينهن تائين رهندس. |
| تنهجي آواز سُٺي آهي. | تنهجو آواز سُٺو آهي. | گرمي گهٽجندي. | گرمي گهٽبي. |
| هو ڪراچي ۾ رهندو آهي. | هو ڪراچيءَ ۾ رهندو آهي. | | |
| ڪلهه نوشهرو ۾ حادثو ٿيو. | ڪلهه نوشهري ۾ حادثو ٿيو. | | |
| محمد خان جوڻيجو جو دور | محمد خان جوڻيجي جو دور | فوٽو ڪڍرايو. | فوٽو ڪيرايو. |
| مون کي اطلاع نہ ملي. | مون کي اطلاع نہ مليو. | | |

**




# سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن


سرسو ڪامپليڪس ويجهو تاج پيٽرول پمپ

شڪارپور روڊ سکر.

فون نمبر: 071-56271820 فيڪس :071-56271820111

ويب سائيٽ www.srso.org.pk